
(شاعري ۽ ڪالم)
ڳولا
منور سلطانه

# ڳولا

( شاعري ۽ ڪالم)

## منور سلطانہ

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
2020ع

**ڊجيٽل ايڊيشن**
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

Book No: 71

ڪتاب: ڳولا

ليکڪ: منور سلطانہ

موضوع: شاعري ۽ ڪالم

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: آگسٽ 1981ع

ڇپائيندڙ: آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد

ڇاپو ٻيو: جنوري 2020ع

ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ

لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس

ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

ڇپيندڙ:

*Office: Room No 305 3rd Flor Sabir manzil 98*
*Near Gul Plaza M-A Road Karachi*
murk.publication@gmail.com
**murtaza.laghari9@gmail.com**
*03005182494*

مُلھہ : 200

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پيتائي ڪتاب گهر، حيدرآباد . سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- ڪائيواڙ شاپ، اردوبزار ڪراچي، - ڪنگ پن بڪ هائوس، حيدرآباد ،
- ڪامريڊ بڪ استال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو،
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور،
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر- تهذيب بڪ استور، خيرپورميرس،
- پريتم قاضي، نواب شاهہ - الفتح نيوز ايجنسي، سکر،
- جاويد بڪ استور شهدادڪوٽ – ڪنول ڪتاب گهر، قمبر،
مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران منور سلطانہ جي شاعري ۽ ڪالمن جو مجموعو ”ڳولا“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.
منور سلطانہ اڄ کان چار ڏهاڪا اڳ بہ مقبول ليکڪ رهي آهي، جنهن دؤر ۾ عورت جو گهر جي دروازي کان ٻاهر نڪرڻ عيب هو، تعليمي شعور تہ پنهنجي جاءِ تي پر عورت کي بنيادي حق جي بہ ڄاڻ نہ هئي، اُن وقت منور سلطانہ جهڙين ليکڪن عورتن کي پنهنجي حقن جي تعليم تي ڏني.
هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ** پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ادي سلطانہ وقاصي ۽ مرڪ پبليڪيشن جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# انتساب

## لاليءَ لاءِ

## ”اسين ٻئي هڪ ٻئي لاءِ آئينو آهيون“

# تنهنجو شهر

(لاڏليءَ لاءِ)

هي شهر تهنجو نہ ٿي سگهيو منهنجو ديرو،
هتي رهيو منهنجو بي نوا لاچارن جيان وسيرو،
تنهنجي شهر کان سدا لاءِ ويندا سين هليا پري،
مسافر ٿي نہ اچون هتي شل کو سفر ڪري،
هتي مايا ۽ پيٽ کي رڳو آ، سلام رهيو،
مون لاءِ ڏکن جو هتي آ، رڳو ڪلام رهيو،
توکي نہ هتي کو عزت ۽ وقار ملي سگهيو،
ايندڙ ويندڙ بہ توتي ٺٺولي ڪري پيو،
تو سک جو نہ هتي ڪڏهن ساهہ کنيو،
ڪنڊن سان ڀريل گس تولاءِ سڀني چڙيو،
هرزبان تي تنهنجو چرچو هتي عام رهيو،
تنهنجي شرم حيا جو نيلام هتي جام رهيو،
ڏک نہ تنهنجا هتي ڪنهن کو ونڊايا،
پر پنهنجا بہ واسينگ ٿي توکي ڦري آيا.
هي شهر آباد شل تا قيامت تائين هجي،
خدا نہ ڪري کو تو جيان باهہ ۾ پلجي،
اسان ننگ وطن هاڻي هتان وڃن پيا،
ڏکن سورن جو ڏنل سوغاتون کڻون پيا،
هتي جا گذاريل ڏينهن نہ وسري سگهندا،
پر دعا جا بہ ڪر رڳو دل مان پيا نڪرندا.

**

## پبلشر نوٽ:

منور سلطانہ، سنڌي ٻوليءَ جي بهترين شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار سلطانہ وقاصي جي وڏي ڀيڻ آهي. پڙهيل لکيل خاندان سان تعلق رکندڙ هيءَ ٻئي ڀيڻيون سنڌي ادب جون سگهاريون ليکڪ ٿي سامهون آيون. سندن لکڻيون وڏي عرصي ڪان مشهور اخبارن توڙي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن.

منور سلطانہ اڄ ڪان چار ڏهاڪا اڳ بہ مقبول ليکڪ رهي آهي، جنهن دؤر ۾ عورت جو گهر جي دروازي  ڪان ٻاهر نڪرڻ عيب هو، تعليمي شعور تہ پنهنجي جاءِ تي پر عورت کي بنيادي حق جي بہ ڄاڻ نہ هئي، اُن وقت منور سلطانہ جهڙين ليکڪن عورتن کي پنهنجي حقن جي تعليم ٿي ڏني.

منور سلطانہ جي لکڻ جو انداز اهڙو جو سندس 1980ع واريون لکڻيون اڄ بہ نڪور ڀانسجن ٿيون. سندس لکڻين مان محسوس ٿئي ٿو تہ هوءَ عام عورتن ڪان الڳ ٿلڳ مزاج جي عورت هئي،  هن سماج کي پنهنجي نظر سان ڏٺو ۽ لکيو آهي، سندس لکڻين ۾ هڪڙو پيغام آهي. هوءَ نہ رڳو بهترين شاعر هئي پر سگهاري نثر نويسي پڻ ڪيائين. سندس پهريون شعري مجموعو ”ڳولا“ آگم پبليڪيشن طرفان 1981ع ۾ ڇپيو هو. جيڪو اڄ جي دؤر ۾ اڻ لڀ آهي.

سلطانہ وقاصي سندس ننڍي ڀيڻ ناتي ڳولا ڪري اُن ڪتاب جي هڪ ڪاپي هٿ ڪري ورتي، جنهن بعد هن سنڌالاجي ۾ ڀين لائبريرين مان وچي سندس ڪجهہ ڪالم بہ فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ورتا.

منور سلطانہ پنهنجي دؤر جي وڏي ليکڪ رهي آهي، پر اڄ سندس لکڻيون اڻ لڀ آهن، اُهو ئي سبب آهي جو سندس ڀيڻ سلطانہ وقاصي جي همت ۽ تمام گهڻي جاکوڙ سان هٿ ڪيل شاعري جو ڪتاب ڳولا ۽ سندس ڪجهہ ڪالم گڏ ڪري هڪ ئي مجموعي ۾ آندا ويا آهن.

مرڪ پبيليڪيشن ڪراچيءَ طرفان منور سلطانہ جو شاعري ۽ ڪالمن تي آڌاريل ڪتاب سندس پراڻي شاعراڻي ڪتاب جي نالي ”ڳولا“ سان ئي ڇپائي اوهان جي هٿن ۾ ڏئي رهيا آهيون، ادارو نہ رڳو ليکڪ جون اڻ لڀ

لکڻيون پيهر اشاعت هيٺ آڻي محفوظ ڪري رهيو آهي، پر عورتن جي لکندڙ پراڻي کيپ مان هڪڙو نئون ڪتاب بہ پڙهندڙن آڏو پيش ڪري ٿو.

**مرتضيٰ لغاري**

03005182494

# هڪ دور جو قصو

منهنجي وڏي ڀيڻ منور سلطانہ جنهن کي اسان سڀ ۽ خاندان وارا ”آپا لاليءَ“ جي نالي سان سڏيندا هئاسين. اڄ مان اُن جو ذڪر ڪري رهي آهيان. آپا لالي ۽ منهنجو ڀاءُ لالا سڪندر حيات ننڍپڻ ۾ گورا چٽا، ڳاڙها ۽ سهڻا هوندا هئا. بابا سائين پيار مان اُنهن کي ”منهنجا لالا پٺاڻ، منهنجا گدلا پٺاڻ“ چوندو هو. ايئن چوندي چوندي منور سلطانہ لالي ۽ سڪندر حيات لالا ٿي ويو. وڏي ٿيڻ کان پوءِ اُنهن جا اصل نالا لالي آپا ۽ لالا سائين ٿي ويا، اڄ تائين خاندان ۾ اُنهن نالن سان اُنهن جي سڃاڻپ آهي.

هن مهل مان آپا لاليءَ (منور سلطانہ) کي ياد ڪري هي سڀ ڪجهہ لکي رهي آهيان، آپا لاليءَ جو انتقال ڇهين آگسٽ 2016ع ۾ ٿي چڪو آهي. هوءَ اسان ڀينرن ڀائرن ۾ سڀ کان وڏي هئي. مان ۽ آپا لالي اُن دور جا ليکاري آهيون، جڏهن اسان جو مواد مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو هو. آپا لالي لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ڪئي. اڳتي هلي اُن مضمون ڪهاڻيون ۽ شاعري لکي. اِهو مواد ”عبرت اخبار“ هفتيوار ”الفقراءَ“ سانگهڙ ۽ ”ماهوار اديون“ وغيره ۾ شايع ٿيو. اُن مضمون ۽ ڪهاڻيون ابتدائي دور ۾ رضيہ سلطانہ ۽ ايم سلطانہ منور جي نالي سان شايع ڪرايون. سندس گهڻو مواد منور سلطانہ جي نالي سان آهي، جيڪو ”عبرت اخبار“، ”هلال پاڪستان“ (حيدرآباد) ۽ ماهوار اديون ۾ شايع ٿيو.

اُهو ڇپجڻ وارو دور ڏاڍو پيارو هوندو آهي، پڙهندڙ اخبارن ۽ رسالن ۾ اوهان کي پڙهندا آهن. اهڙي طرح سان قدم بہ قدم ادب جي دنيا ۾ هلبو هو. اُهو ادب جو پورهيو سالن جي ڇپجڻ کان پوءِ وڃي ڪتابي صورت وٺندو هو.

آپا لالي ٽنڊو آدم مان مئٽرڪ پاس ڪري زبيده ڪاليج حيدرآباد مان انٽر سائنس ڪئي ۽ پوءِ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي. بہ سال ڊاڪٽريءَ جا پڙهي الائجي ڇو اُن ميڊيڪل جي پڙهائي ڇڏي ڏني ۽ گهر جي دنيا وسائي ويهي رهي.

زندگيءَ جو گهڻو حصو ٽنڊوآدم ۾ بابا سائينءَ سان گڏ گذاريائين. حيدرآباد تائين بہ مشڪل سان ايندي هئي. ڪتاب وٺڻ ۽ پڙهڻ جو بي حد شوق هوندو هوس. ميوزڪ ٻڌڻ جي بہ شوقين هوندي هئي. گوري رنگت سهڻي،

هٿ پير تہ ڏاڍا سهڻا هوندا هئس، اڪيلي زندگي گذاريائين. بابا امان جي لاڏلي، ڪڏهن گهر جو ڪو بہ ڪم ڪو نہ ڪيائين .

ٽنڊي آدم ۾ رهي ڪري ادا نثار حسيني آگم پبليڪيشن واري سان رابطو ڪيائين. ڪتاب ڇپائڻ جي خواهش ڪيائين.

ادا نثار حسيني ٽنڊو آدم ۾ پاڻ ايندو هو ۽ آپا لاليءَ کان مواد وٺي ويندو هو. اُن وقت مان ڪراچيءَ ۾ رهندي هئس. ڪراچيءَ جي ادبي توڙي سماجي دُنيا ۾ مون پنهنجي دنيا پئي ٺاهي. اوچتو مون کي خبر پئي تہ آپا لاليءَ پنهنجو شاعريءَ جو ڪتاب ڇپرايو آهي. اُهو ”ڳولا“ نالي شاعريءَ جو ڪتاب مون کي بہ مليو. اُن جو ٽائيٽل ڪَوَر فتاح هاليپوٽي ٺاهيو. ڪتابت خدا بخش ابڙي ڪئي. مهاڳ سائين استاد بُخاري صاحب جن جو لکيل آهي. ڳولا ڪتاب 1981ع ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو.

هيءَ سڄي محنت ادا نثار حُسينيءَ ڪئي ڇو تہ آپا ٽنڊو آدم ۾ رهندي هئي. هڪ ڏينهن هت ڪراچيءَ ۾ ادا نثار حسيني جنهن کي مان سُڃاڻيندي هئس ۽ ادبي محفلن ۾ ملاقات بہ ٿيل هئي. اُن مون کي فون ڪيو تہ ادي منور سلطانہ جو ڪتاب مون ڇپرايو آهي. ڪتاب جو وڪرو بہ سُٺو ٿيو آهي، سو مون ادي منور سلطانہ کان پُڇيو تہ هاڻ اوهان ڇا ٿا چاهيو؟ اُن مون کي چيو آهي تہ مون کي ڪجهہ بہ نہ کپي، اگر ٿي سگهي تہ منهنجي ننڍي ڀيڻ سلطانہ وقاصيءَ جو ڪتاب ڇپرائي ڇڏيو.

ادا نثار حُسيني مون کي چيو جيڪڏهن اوهان پنهنجو مواد مون کي ڏيو تہ مان اوهان جو ڪتاب ڇپرائڻ چاهيان ٿو. ڪتاب ڇپرائڻ جو تہ مون سوچيو ئي ڪو نہ هو. نہ ڪا خبر هئي تہ ڪتاب ڪيئن ڇپرائبو آهي. اُن وقت ڊائريءَ ۾ منهنجي شاعري لکيل ۽ جمع ٿيل هئي. سو مون ڇا ڪيو جو جيڪي شعر ڇپائڻا هئا، اُن کي نشانيون لڳائي اُها ڊائريءَ مون ادا نثار حسينيءَ کي ڏئي ڇڏي. جنوري 1984ع ۾ منهنجي شاعريءَ جو ڪتاب ادا نثار حُسيني ڇپرايو. جنهن جو ڪوَر ۽ ٻيڪ ڪوَر ٽائيٽل فتاح هاليپوٽي ٺاهيو.

منهنجي شاعريءَ جي ڪتاب جو نالو ”دونهاٽيل درشن“ هو. مون هن ڪتاب تي ڪا بہ محنت ڪا نہ ڪئي. مون ڪجهہ بہ ڪو نہ سوچيو تہ ڪتاب ڪيئن ٿيو ڇپجي. صرف عنوان مون رکيو هو ”دونهاٽيل درشن“ . سڄي محنت ادا نثار حُسيني جي هئي. اُن ادا انور پيرزادي ۽ نورالهُدا شاهہ کان مهاڳ

لکرايو. بس آپا لالي جي مهربانين ۽ ادا نثار حُسيني جي محنت سان منهنجو ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيو ۽ مون کي بہ مليو.

اُهو منهنجي شاعريءَ جو ڪتاب ”دونهاٽيل درشن“ منهنجي پهرين سجاڳپ، ادب جي دنيا ۾ پهريون قدم داخل ٿيو .

ادا نثار حُسيني هڪ دفعو مون کي اهو ٻڌايو تہ ادي توهان جو ڪتاب ايترو جلدي وڪامي ويو جو ڪجهہ عرصي ۾ ئي مارڪيٽ ۾ ڪو نہ پئي مليو. اِهي سڀ آپا لاليءَ جون مهربانيون هُيون اُن جي پيار جو تحفو هو. جو مان اڄ بہ اُن ڪتاب ”دونهاٽيل درشن“ جي حوالي سان سُڃاتي ويندي آهيان.

آپا لالي (منور سلطانہ) اُن ڪان پوءِ بہ گهڻو لکيو، خاص ڪري اديون رسالي ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيائين. هُن ڪيترا ڪالم لکيا آهن مون کي خبر نہ ناهي. مان سندس هي تيرنهن ڪالم ڳولي جمع ڪري سگهي آهيان. آپا لاليءَ جون لکيل ڪهاڻيون ۽ مضمون مان ڳولي نہ سگهي آهيان.

بهرحال هي ادبي پورهيو اُن ادبي دنيا جو آهي، جڏهن ڇوڪريون ادب جي دنيا ۾ گهٽ لکنديون هيون. مشاهدا تجربا مردن جي مقابلي ۾ عورتن کي گهٽ ملندا هئا. اُن جي باوجود بہ آپا لاليءَ جا لکيل ڪالم ۽ شاعري ايتري تہ جاندار آهي جڻ تہ آپا لالي سڄي دنيا کي پنهنجو ڪيو ويٺي هئي.

آپا لالي (منور سلطانہ) جو هي شاعري ۽ ڪالمن جو گڏيل ڪتاب مون ڇپرايو آهي. توهان پڙهو ڏسو تہ هر دور جي سنڌي نياڻي ڇا ٿي سوچي؟ ڇا ٿي لکي. رشتا ۽ ناتا ڪيئن ٿي نڀائي. سندس لکيل ڪالمن ۾ توهان کي اُن جي سوچ ۽ حاصل ٿيل تجربن مان ملندا. اُن جيڪي مشاهدا ماڻيا اُهي سڀ زندگيءَ جي قريب ترين ملندا آهن. ڪالمن جو هر موضوع انوکو ۽ جاندار آهي. سياسي، سماجي ۽ اخلاقي مسئلن تي لکيل هي ڪالم هر دور جي نشاندهي ڪن ٿا.

اڄ آپا لالي هِن دنيا ۾ ڪونهي پر پنهنجي قلم جي ذريعي لکيل هي ادبي پورهئي ۾ هميشہ زنده رهندي.

انسان فنا آهي، لکيل لفظ سوچون هميشہ زنده ۽ جاودان آهن.

هي ادبي زندگي ماڻڻ بہ هر ڪنهن جو نصيب ڪو نہ هوندو آهي. ڀاڳن وارا هوندا آهن جيڪي قلمي پورهيو ڪري زندگي ماڻيندا آهن.

**سلطانہ وقاصي**

# ٻولا لئہ ڳڻ ڳوت

پيڙ منور سلطانہ مون ڏني نہ ٻڌي. هوڏانهن هوءَ عرصي کان اخبارن، رسالن ۾ ليکڪا ٿي پئي آئي آهي، اِن سلسلي ۾ ميار اُن تي نہ آهي، پر مون تي آهي، جو هڪ اُڀرندڙ نئين ليکڪا تحريري تصوير ۾ آچي، اکرن ۾ آواز پئي ڏنا آهن. ۽ مون اُن ۾ اُسرندڙ سرجڻهار ڏي نهار نہ ڪئي آهي، سچ پڇو تہ ڏوهہ پنهنجو بہ ناهي، هِن هڪ طرف خلائي ۽ ڪامپيوٽر، ٻئي طرف ائٽمي، هڪڙئين ڳالهيئن جن تي تہ ٻئين ڳالهين ۾ دوزخي دؤر جي چتي چڪتاڻ پاڻ بہ ڇيهون ڇيهون لڳا پيا آهيون، اُهو حال اج جي هر سوچيندڙ، لوچيندڙ انسان جو آهي.

**هر هيچ کي هزار دليون ٿيون ڪپن هتي،**
**هڪ دل، هزار هيچ، پُڇو ڇا پتي ڪجي!**

هن وٽ وٽان هڻ هٽان جي هيچ ۾ هر فنڪار، قلمڪار جو حال هي آهي:

**گهر جا ٻاتي ڇون: وقت ڏي!**
**سات_ساٿي ڇون: وقت ڏي!**
**ٻار مُرڪي ڇون: وقت ڏي!**
**يار ڪُرڪي ڇون: وقت ڏي!**
**ڇير، ڇمڪا ڇون: وقت ڏي!**
**روڄ واڪا ڇون: وقت ڏي!**
**جهِير جهُونا ڇون: وقت ڏي!**
**فکر تازا ڇون: وقت ڏي!**
**دل جو دلبر ڇوي: وقت ڏي!**
**قوم ابتر ڇوي: وقت ڏي!**

پنهنجي پياري حياتي ايئن مون وندائي ورهائي ڇڏي. ”وقت ڏي وقت ڏي“ جي پڪار آهي، جا لڳاتار چوڏاري گونجي رهي آهي، مڇريل مصروفيتون جيون جامو ڇٽريون ڇٽريون ڪري رهيون آهن، هر سمجهدار سمجهي سگهي

ٿو تہ ماڻھو جو جسم ۽ ڏيان هڪ وقت ۾ فقط هڪ ئي هنڌ ۽ هڪ ئي ڪم ڪري سگھي ٿو.

**هڪڙي وقت ۾ هڪ ڪم ٿيندو.**
**يا چيرن جي چم چم پڌبي۔**
**يا غمگينن جو غم ٿيندو.**

جڏهن ڪنهن دلبر جي ديدار کان محرومي، يا قربائتي ڪچهري کان غير حاضري رهندي آهي. تڏهن ڪنهن فڪري ڪار زار ۾ قلم جي ترار سان جنگ جاري هوندي آهي. تنهن ڏينهن هڪ ڪوليءَ جهڙي ڪوٺيءَ ۾، هڪ چوٿاڙ پني تي، ڪنهن هوشيار قلمڪار جي ڪلا سان وشال ڪائنات جي وسعتن ۾، هڪ پتڪڙي انسان کي انسانيت جي، پيو بہ الائي ڇا جي ”ڳولا“ ڪندي ڏٺن. جڏهن ڳولائون ڳڻو اُن جو نالو ڳوليم تہ ”منور سلطانہ“

نثار آگم جي افيس ۾ فتاح جو ٽائيٽل ڏيکاريندي چيو: اڄڪلھ هن ڪتاب جي ڇپائي ۽ پڌرائي جي اڻ تُڻ ۾ آهيان.

اڄ 20 جولاءِ 1981ع فاروق، غلام علي، اڪبر (دادوءَ جا دوست) نثار حسيني جو خط هٿو هٿ ڪٺي آيا. ڪوليم معلوم ٿيم تہ مان هاڻي ڪتابن جي مهاڳ يا پڻ اکر لکڻ لاءِ بہ يارن وٽ ياد ڪيو ٿو وڃان. هڪڙي نامي گرامي شاعر هڪ هنڌ چيو آهي تہ جڏهن بي نمازي نماز پڙهندا آهن، تڏهن مون کي سڏي امام بڻائيندا آهن. مجبوري جو ٿي پنهي ڌرين جي. هڪ دفعي لطيف سائين جي جلسي تي شعر پڙهائڻ لاءِ گهرايو ويس. عين وقت صاحب۔ صدر جي نہ پهچي سگھڻ ڪري، جلسي جو صدر عرف محفل جو مور بڻايو ويس. آخر ۾ لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪري فرمان ڪيو ويو. ”هاڻي محفل جو مور لطيف سائين جي تصوف ۽ فلسفي تي تقرير ڪندو“ اُن ڏينهن اُهو احساس شدت سان پيدا ٿيو تہ شاعرن کي تقرير جي فن طرف بہ توجہ ڏيڻ ضروري آهي.

ڪتابن تي بہ اکر مهاڳ طور لکڻ جي مجبوري وري اهو احساس بہ اُڀاريو آهي تہ انهيءَ ميدان ۾ گهڙڻ لاءِ بہ گهيڙ گهاٽ گهڙڻ گهرجن.

ويچارجي ٿو تہ اڳيئي پنهنجن پورن، پهن ۾ پڪڙيل، ڌهاڙيءَ جي ڏچن(Routine) پٽيون پٽيون ٿيل، شاعري ۽ شاعريءَ جي چڪر مان نڪري

تقريرن تحريرن کي ڪهڙي ۽ ڪيتري پتي ڏئي سگهجي؟ ڪهڙو انصاف ڪري سگهبو؟

هُونئن_ منهنجو ايمان آهي تہ هڪ اديب، شاعر لاءِ ڪنهن موقعي تي ٻہ ٻول ٻولڻ ۽ ٻہ لفظ لکڻ ڪو مها مامرو نہ آهي، اهو هن جو فرض بہ آهي تہ حق بہ.پر حقيقت هي آهي تہ ڪنهن ڪم کي بهتر کان بهتر نموني تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ وڏ کان وڏ ڪامياب نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي مطالعي، مشاهدي، تجربي مشق ۽ ان سان گڏ محبت، محنت جي ضرورت آهي. هي دؤر (Specialization) خاص مهارت جو آهي ۽ نہ هر فن مولا ٿيڻ جو.

بهرحال هن اندر جي اظهار کان پوءِ هي نروار ڪندو هلان تہ ڪنهن قلمڪار جي ڪاوش سان ٻيو قلمڪار انصاف سان هلي، بلڪل پيچيدو پُل صراطي پيچرو آهي. خاص ڪري اُن حساس ماڻهوءَ لاءِ جو گهڻو ڪري هر ماڻهوءَ کي موهڻو، هر محبتي پورهئي کي پيارو، هر خلوص ڀريل تخليق کي تهسين جوڳو سمجهندو هجي.

هڪ مصنف جي حيثيت ۾ انهي ڪيفيت مان گذريو آهيان ۽ اجا تائين گذران پيو تہ ڪو مصنف پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ لاءِ ڪهڙا سپنا لهندو آهي ۽ ڪهڙين ڪيفيتن ۾ پيو اڏامندو آهي ۽ ان لاءِ ڪهڙا حيلا هلائيندا آهي، سندس اُهي سڀئي حالتون سچ پچ همدردي لائق هونديون آهن.

ٻئي طرف ڪريم، لطيف، سچل تہ ڇڏيو پر ٻاڳوٻان، حفيظ تيوٽي، سانوڻ فقير تي ڪي مهاڳ يا تعارف لکي، اسان سان روشناس نہ ڪرايا ويا هئا. هو پنهنجي تشريح، پنهنجي وضاحت پاڻ هئا. پنياڻپوءِ عالم نقاد پاڻهئي انهن تي لکندا رهيا ۽ لکندا پيا. پر هن دؤر جي دستور پٽاندڙ، منڍ ۾ ٻن لفظن جي ضرورت پيدا ٿي پئي آهي.

## منور سلطانہ "ڳولا" ۾

منهنجي،اوهان سڀني پڙهندڙ جي آڏو، پني پني تي پکڙي ، سٽ سٽ ۾ سور، سُرور سليندي، عنوان هيٺ ارمان اوتيندي، جهرندي، جڙندي، اڳتي وڌندي هلي ٿي.

آءُ هن مهاڳ ۾ سندس شاعريءَ جو تفصيلي تجزيو نہ ڪندس ۽ فني لوازمات جي اکري گورک ڌنڌي ۾ ڦاسي، ٻئي ڪنهن کي ڦاسائيندس، ۽ نہ ڪو

وري وچور سان ويهي، هڪ ٻہ ٽي چار ڪري تشبيهون، استعارا، اهڃاڻ، عڪس، موسيقي، داخلي، خارجي، الجهنون، مطالعي، مشاهدي جا تاثرات وغيره ڳڻائيندس. هتي رڳو عرض ڪندس تہ شاعر جون ڪي سوچون، ڪي سچ، ڪي سٽون ڪي بند، متاثر ضرور ڪن ٿا ۽ وڻن ٿا.

طعام تيارڪندڙ لاءِ اهو ڪافي آهي تہ طعام واپرائيندي پسند اچي، سواد ڏئي، وڻي. اهو ضروري ناهي تہ کائيندڙ کي اهو بہ پتو هجي تہ هن ۾ مصالحہ ڪهڙا ۽ ڪيترا پيا. باهہ ڪيتري تي، ۽ ڪيتري وقت ۾ رڌو.

شاعري اصل ۾ اندر جو اڌمو آهي، جو لفظن جي لڙين ۾ وجود وٺي، اکين ۽ ڪنن رستي باقي سڀني حواسن ۽ وجود کي گهيرو ڪري وجي ٿي. ڪلام ۾ جيتري جِلا، شدت اڌام، موسيقي متاثرڪندڙ آهي، اوتروئي اُن شاعريءَ کي ڪاميابي جي قريب سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هي شاعري جو ڪتاب "ڳولا" اوهان جي هٿن ۾ اچڻ وارو آهي، تنهنڪري سندس اثر سڌو سنئون اوهان پاڻ محسوس ڪري سگهندؤ.

هٿ- ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت، ايترو چئو ڇئبو تہ ڪي فن پارا ، زوري،زبردستي ۽ نهہ پهہ پنهنجو پاڻ مڃرائيندا آهن ۽ ڪن جي لاءِ وري همدردي،ويچار ۽ پيار سان مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ قدرداني پيدا ٿيندي آهي. اهو. اهو قاعدو هر حسين وٿ، تصوير، تحرير، موسيقي، رقص، شاعري، وغيره سان لاڳاپيل آهي. "ڳولا" لفظ جي پڻ اها تقاضا آهي تہ سونهن ،سچ، سوڀ کي ڳولڻ گهرجي.

هن مجموعي ۾ ڪٿي ناصحانا گفتا،ڪٿي معصوم ۽ سادا جذبا، ڪٿي جديد شاعريءَ جي موضوعن ۽ مضمونن جا جيئرا جاڳندا جهلڪا نظر اچن ٿا. گهاڙيٽي يا ٽڪنيڪ جي خيال کان آزاد نظم ۽ روايتي نظم سان گڏ، سگهڙن جي عوامي گهاڙ وارو رنگ بہ ڏسڻ ۾ ايندو.

وزن جي ڇڪ ۽ تاڻ ڏي گهٽ، قافين جي ٽَڪا ٽَڪيءَ ڏي ۾ مقصد جي پورائي ڏي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏنل آهي.

انهيءَ پنهنجي عجيب، انوکي انداز، سچائي ۽ سڌي سنئين (Approach) سبب مواد وندر ائيندڙ ۽ وڻندڙ ڏنل آهي.

توڙي جو موڪليل مواد "ڊمي" ڳنڍيل صفحن ۾ هو.تہ بہ پڙهي پورو ڪرڻ کان اڳم رڪجي نہ سگهيو. اهو هن ڪري بہ تہ اشارن،اهڃاڻن جي رمزن

۾ رڱيل ، ڪلاسيڪل ڳوڙهائي ۾ ڳوهيل،فني لوازمات ، فڪري گهرائين ۾ ٻڏل، اونهو ۽ پيچيدو ادب پڙهي، پوءِ جي اندازن اوٽيل ڪليل جذبن واريون سڌيون سنواٽيون سٽون ماٺهون پڙهندو تہ محفوظ ٿيندو، هو بهو اهڙيءَ طرح جيئن تمام تيز تکي روشنيءَ کان هلکي ٿڌي روشني ۾ ايندي سکون محسوس ٿيندو آهي. اها ئي خصوصيت آهي هن ڪتاب ۾ جو پڙهي پورو ڪرڻ تائين پاڻ سان وٺيو ٿو هلي. ڪتاب ۾ موضوعن جي (Veriey)آهي ۽ (Characters) ڪردار ڪافي ڏسجن ٿا.

**مان پهرين زال**
**ڳائڻو**
**روماسا**
**راڻي (مرڪ)**
**ماڻيجي ماءُ(خراج تحسين)**
**مرد**
**فقيراڻي**
**مسافر**

پائڙو وغيره اهي سڀ ڪردار آهن. هر انسان کي ٻئي انسان يا وٿ بابت ڪجهہ ٻڌڻ، پڙهڻ،معلومات حاصل ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. تنهنڪري ڪردار نگار بہ ڪتاب کي مزيدار بنائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.ان ڪانسواءِ هر نظم کي پنهنجو وجود آهي.

**شاعراڻيءَ چواڻي:**
**پاڻ ۾ مان هڪ مکمل شخصيت،**
**هر انسان جي هڪ مکمل شخصيت،**
**هزارن مشڪلن جي باوجود بہ ــــــ**
**مون ۾ رهي جيئڻ جي.**
(وسعت)

سو سندس هر لکڻيءَ جو پنهنجي وس آهر دائرو آهي ۽ وت آهر اثر جي قوت آءِ هتي فقط "مونجهہ" ۾ اوهان کي ليکڪا سان ملايان ٿو:

**ڪجهہ مون سان ڳالهاءِ!**
**هيانءَ جي مونجهہ لاءِ،**
**ٻڌاءِ ڪجهہ مون کي،**
**وندراءِ ڪجهہ مون کي.**

هنن سادين پر سچين سٽن جي التجا ۾ ڪيتري نہ ڪشش آهي! اڳتي بہ هي سڄو نظم سچين دلسوز حقيقتن ، ڏئل وائئل هانءَ ڏاريندڙ واردتن سان پريو پيو آهي. هڪ هڪ بند، بند زبان ۾، درد مند دلين لاءِ اپيل ۽ زنده ضميرن لاءِ "اُٿ جو" آواز آهي: آخر: جيئڻ ميوي جو پنهنجو سواد ۽ افاديت آهي،هر گل پنهنجو وزن ۽ واس،تيئن هن شاعريءَ جي مجموعي جو بہ پنهنجو نيازوءِ پيارو وجود آهي. سنڌي شاعراڻي ادب ۾ خاص ڪري ڀينرن جي شاعريءَ واري ياڱي ۾ هيءَ ڳتڪو بہ پنهنجي جاءِ والاريندو.

**استاد بخاري**
دادو سنڌ
22 جولاءِ 1981ع

**پنهنجي پاران:**

توکي مان چا چئي ڪٽي سمجهان،
مان چڻ ڪجهہ بہ نہ آهيان،
مليا مونکي اڻ لپ ماڻڪ جذبا،
دنيا ۾ اُهي سپ روايتي سڏبا،
اُهي آجان تائين بہ سهان پئي،
اُهو ئي تہ سپ ڪجهہ لکان پئي،
سپ اُهي احسان انسانن جا،
مون نہ سمجهيا ڪڏهن پين جا،
اُنهن جذبن تي لکڻ ڪم ڏکيو،
آڪرن ۾ پوئڻ نہ ڪم سکيو،
مان اجان ڪوشش ڪيان پئي،
جيڪي سَنو اتم سو لکان پئي،
مان چا پيلا لڪائي سگهندس،
سپ ڪي توکي موٽائي ڏيندس.

**منور سلطانہ**

تندو آدم، سنڌ

جمعو 20 مارچ 1981ع

# پاڳو پهريون

# شاعري

# مان

پاڻ نہ اميرن ۾،
پاڻ نہ غريبن ۾،
پاڻ رهياسون فقيرن ۾،

پاڻ نہ ڪوڙ ۾،
پاڻ نہ ڏوڙ ۾،
پاڻ رهياسون پور ۾،

پاڻ خيابان ۾،
پاڻ بيابان ۾،
پاڻ رهياسون ميدان ۾،

پاڻ نہ آهلن ۾،
پاڻ نہ جاهلن ۾،
پاڻ رهياسون ڪالهن ۾،

پاڻ نہ اوج ۾،
پاڻ نہ موج ۾،
پاڻ رهياسون ڪوج ۾،

پاڻ نہ سَڪرن ۾،
پاڻ نہ وَڪرن ۾،
پاڻ رهياسون اڪرن ۾،

پاڻ نہ جهَٽ ۾،
پاڻ نہ پَٽ ۾،
پاڻ رهياسون سَٽ ۾،

پاڻ نہ حَقيرن ۾،
پاڻ نہ ڪَسيرن ۾،
پاڻ رهياسون اسيرن ۾.

# سچ

{ادي خورشيد جي زندگيءَ تي}

زندگي جا ڏک ۽ سور،
دنيا جا ڪوڙا دستور،
وقت نہ ڏين ٿا مور،

پر توکي ياد ڪريان ٿي،
تون نہ مون وٽ هاڻي اچ،
پند ڪري هاڻ ڳچ،
اهو چوان پئي هاڻ سچ،
مان توکي وساريان ٿي.

❋❋

# ادب

ادب جي هن اتساهہ اونهي ۾،
ننڍڙا ننڍڙا پتر اڇلائي ڏسان،
مان من جي هن آنڌمانڌ کي،
پل جي سڪون ۾ بدلائي ڏسجان.

❋❋

هي دوزخ گرميءَ وارو اونهارو،
وقت نہ گذري وڏيو مونجهارو.

❋❋

# ڳولا

مان زنجيرون کُڙڪائي،
وقت جي قيد کي پڇَائي،
ماڻهن کي بيهي سڏيم،
سيني سامهون اچي بيٺم،
انهيءَ مهل انهيءَ شام،
ماڻهن جا مڙيا آچي هشام،
پوءِ مون اٿي اُهو چيو،
مونکي هاڻي سنسار ڏيو،
نہ تہ مونکي سنگسار ڪريو،
مان جواجان پابند سلاسل،
رهيس جو ايترو مسلسل،
اڄ مان توهان آڏو آهيان،
مان ڪو پويان ناهيان،
هاڻ جو ايترو بند رهي،
مان هر زيادتي سهي،
ٿي پيو آهيان جڻ مَڇُ،
مان سَچ آهيان سَچ،
مونکي هاڻي تہ سنسار ڏيو،
نہ تہ سنگسار ڪريو،
ڪي انسان تہ بيهي ڪليا،
ڪي عقل پاڻ ۾ بہ سليا،
فيصلو آخر انهن بہ ڪيو،
ماڻهن جو انبوه اُٿي ويو،
سچ کي هرڪو ڳولڻ،
ذري ذري کي هرڪو ڦولڻ،

مونکي وري سيني چڙيو،
کو بہ سچاڻي نہ سگھيو،
عقل بہ پٽ پئجي ويو،
سچ پوئتي رهجي ويو.

**

# پھرين زال

{عزيز زڪيہ لاءِ}

گھر ۾ بہ
جھان ۾ بہ اڪيلي،
مان عجب ڳھيلي،
دولت نہ زر جي ڪمي،
رڳو زندگيءَ ۾ رهي بيچيني،

ماءُ هوندي بہ،
اولاد ڪان ڏور،
ٻچڙو بہ مون سواءِ پلجي پيو،
پين هٿن ۾ جگر رلجي پيو،

آيس جنھن ڪاڻ،
ان بہ ڇڏي ڏنو،
پين ڪاڻ،
ان بہ ٽڏي ڏنو،

نہ رهيو ڪو هاڻ،
هن حال دل جو ڪو محرم،
هن وڏيرڪي سماج جو،
مون تي ٿيو ڪرم ،

مان انسانيت جو گھرو زوال آهيان،
مان هڪ انسان جي پھرين زال آهيان.

**

# گھڙي

اهڙي گھڙي ڪا جلد آچي،
ڪا بہ نياڻي ڪاري نہ ٿئي،

سُک سان پَنهنجن ڪَکن ۾ رهي،
ڏُک ۾ بہ پنهن جن ننگن ۾ رهي،

انسانن کي ڪا بہ مجبوري نہ هجي،
غربت يا سرمائيداري نہ هجي،

اِهڙو سج بہ هاڻ اُڀري ايندو،
اِهڙو وَقت بہ جاڻ پاڻ ايندو،

سنڌڙي پنهنجي تعبير ڏسندي،
انسانن ۾ رڳو برابري هوندي.

❊❊

# نئون سال

پراڻو سال هاڻ لنگهي ويو،
نئون سال چاڻ اچي ويو،
موت نہ ڪا مجبوري ڪئي،
ڪن حياتي پاڻ پوري ڪئي،
ماضيءَ کي بہ ياد ڪندا،
آئيندي تي بہ نظر رکندا،
ڪي ويا ڪنڌ ڪيڏائي،
ڪي ويا وري وقت هنيڏائي،
وقت تہ آهي ئي گذرڻ لاءِ،
پل پل کان ڪجھ پرائڻ لاءِ،
وقت جي ملي هڪ هڪ گهَڙي،
انسان جي سچي حياتي جُڙي،
ماضيءَ ۾ حال هَليو ايندو،
حال وري آئيندي ۾ ايندو،
هوٽلن جي وڏن گرم ڪمرن ۾،
سياڻا نچن پيا ڇڻ چرين ۾،
ٻاهر ڪي انسان پيا فٽ پاٿ ۾،
ڦاٽل رليءَ ۾ ويڙهيل سيئاٿ ۾،
سينگاريل بنگلن ۾ ڪي صاحب،
مئي جون بوتلون ورهائين پيا،
ٻاهر اونداهين جهوپڙين ۾،
ٻار ڪير جون بوتلون گهرن پيا،
مان شراب جون اُهي بوتلون،
ڪڏهن پَڇي سگهان ٿي،
مان معصوم ٻارڻ اڳيان،
اڪيون ڪن بند ڪريان ٿي.

❊❊

# ڳائڻو

هٿ ۾ يڪتارو،
مِٽيءَ ۾ پيريل پير،
شهر شهر ۾،
جَهنگلن ۽ بَرپٽن ۾،
پِٽن ۾ ڳائي ٿو،
توکي مونکي وندرائي ٿو،
شاهہ سچل کي جاڳائي پيو،

ڳائڻو آسير،
دل جو فقير،
لفظن جو آمير،
سوزِ ۽ ساز ۾ آڪثير،
تنهنجي منهنجي،
پنهنجي پرائي،
ڏک سک ۾ شامل،
وندرائي ٿو دل کي هي ڪامل،

ڪڏهن بہ تو ۽ مون،
نہ ليئو پاتو سندس من ۾،
ڪڏهن بہ تون ۽ مون،
ڪو پڇيو؟
ڪهڙي ماڳ تي موٽي وڃين پيو،

فضائن ۽ هوائن ۾ ،
اُهي بيت اُهي وايون،
وري وري ٿيون دل وندرائين،
اهي سُرَ آسمان ۾ آمر رهندا،
انهن جا پڙاڏا،
ايندڙ نسل بہ ٻڌندا رهندا.

# 14شعبان 1398ع

پيرين اُگھاڙي تَتَل ڌرتيءَ تي،
نيڻن ۾ وَرھين جو اُوجاڳو،
ڏينھن پويان راتيون ويون،
سورن ورھين کان جاڳايو.

سنسان واٽ، نہ پتو، نہ سُڌ،
نيڻ ۾ ورھين جي ٽَڪ ۽ ڏُنڌ،
ھٿوراڙيون ڏئي ھلان پئي،
سالن کان ڪجھہ نہ ڏسان پئي.

آخر ھڪ ويراني ۾ ٽڪجي،
سج لٿي جو واريءَ جي ڍڳ ۾،
ڪيئي سالن کان مان ٽٽجي،
چوڏھين جو چنڊ ڏٺم مان پٽن ۾.

ھر زھريلي جيت ۽ نانگ کان،
بي خبر ٿي سُرَ ۽ سانگ کان،
واريءَ تي مان ليٽي پوان ٿي،
موت جي ننڊ مان سمھان ٿي.

**

# نور

{نسيم جي لاءِ: توکي زندگيءَ ۾ کجھہ نہ مليو}

توکي ڳولي ڳولي ٿکجي پيس،
هن دنيا ۾ پُلجي پيس،
وسيو ڪٿي؟
ڏسيو ڪٿي؟
تنهنجو وجود ، ٿيو مون کان پري،

اهڙا بہ سنسار ۾ اکيچار،
واجهائڻ لاءِ بہ لاچار،
هر هر پل،
هر هر گهڙي،
جن جي نٿي پئي تو کان سري،

ڪڏهن نور جي روشني هتي ،
دنيا جي تتي ٿڏي روشني تي،
ڪڏهن ايندي؟
ڇانئجي ويندي؟

**

# لقاءُ

زندگي ٿي پئي آ، تماشو ويهي ڏس،
سامراج کي هن ۾ کهڙي ڪَس.

بک ۾ محتجاجي کي به ته آسان هنڊايو،
هن ڪان آڳ ايترو ڪَڙو دور نه آيو.

مثل جعفر ڪيئي اهڙا به ننگ وطن،
ماءُ ڌرتيءَ جا هي ڪيئي دشمن.

ڏسي وٺ ضمير فروشن جو لقاءُ،
ننگ وطنن جو سامراج ڏي جهڪاءُ.

رات جيتري به سنگين ٿي ويندي،
روشني اوتري رنگين ٿي ايندي.

**

# شڪايت

مان تنهنجي پيار ڪي،
مان تنهنجي سار ڪي،
سمجهي نٿي سگهان پئي،
توکي شڪايت آهي،

پر توکي نہ رهي چاھ،
پر توکي نہ ٿيو اُهڃاڻ،
منهنجو اندر اڃئي خالي،
هي هٿ رهيا سدا سوالي،
مان تنهنجي سر تي،
تون منهنجي سر تي،
پوءِ بہ مان توکي،
سمجهي نٿي سگهان پئي،
توکي شڪايت آهي،

مون بہ ڪڏهن،
ڪنئي هئي خالي جهولي،
ٿي دنيا جي در تي سوالي،
صدا هنئي هئي،
پر مون کي ڪٿي بہ ،
پنهنجن يا پراون ۾،
پين انسانن ۾،
سچ يا چنڊ ۾،
اُس يا پاڇي ۾،
زمين يا آسمان ۾،
دُنيا جي حيوان نمان انسانن ۾،
ڪابہ پنهنجائپ،

پيار جي سچاڻپ،
نہ ملي سگهي.

پاڻ ٻئي ننڍپڻ ۾،
گڏ پڙهياسين،
ننڍڙين ڳالهين تي رُسياسين،
راندين ۾ وڙهياسين،
پر پل ۾ پرچياسين،
اُهي سپنا سچائيءَ جا،
پيار جي گهرائي جا،
مان اڄ بہ ڏسان پئي،
پاڻ انهن ۾ پسان پئي،
پوءِ مان توکي،
سمجهي نٿي سگهان پئي،
توکي شڪايت آهي.

تنهنجو هي خلوص ۽ پيار،
۽ سچائي اکين تي،
پر گهٽائيءَ ۾ ندين تي،
ٻوڏ بہ ايندي آ،
هر ڏسي ٻڏي بہ ايندي آ،
هر شي ٻڏي ويندي آ،
سو مان بہ ڏجان پئي،
تڏهن توکان ڀڄان پئي.

مان بہ متان،
تنهنجي پيار جي سچائيءَ ۾،
ٻڏي نہ وڃان،
پاڻ کي وڃائي نہ وهان،

تون دل ۾ نہ ڪجانءِ،
پر منهنجن سپني ڪوتاهين کي،
سپني بيپرواهين کي،
معاف پئي ڪندي اچجانءِ،
پر پنهنجي سچي پيار کي،
سدائين مون لاءِ،
پنهنجي دل ۾،
سانڍي رکجانءِ.

**

# مرڪ

{ منهنجي ڀاڻيجي روماسا راڻيءَ لاءِ}

آئيندي جي خوف کان بي خبر ٿي،
معصوم ٻار جڏهن بہ کلي ٿو،
قدرت کي بہ تڏهن پيار اچي ٿو.

ماءُ دنيا جي سڪ ۽ ڏک بہ پسي،
پر "روماسا" جي مشڪ ڏسي،
پل لاءِ سڀ ڪجھ وساري ٿي.

دنيا جا هزارين خوف ۽ ڇرڪ،
پر راڻيءَ جي ڏسي مُرڪ،
پُر اميد آئيندو نظر اچي ٿو.

**

# پکي پرديسي

اسين پکي پرديسي اُڏري وينداسين،
وري نہ کنهن مند موٽي ايينداسين.

قرب جي قيد ۾ چڱو وقت مون گذاريو،
اوهان جي جفائن کي بہ مون وساريو،
هاڻ نہ اوهين جيئري مون کي ماريو،
هن پل پل کي اسين ياد پيا کنداسين،
وري نہ ڪڏهن مند موٽي ايينداسي.

اسان پرديسين جا توسان کهڙا ناتا،
رهون هر ويل اسين ماڳ وڃڻ لاءِ آتا،
مون تي ڇو تو پيار جا هي ڪوٽ لاتا،
اسين پنهنجي ماڳ وري ويندا سين،
وري نہ ڪڏهن موٽي ايينداسين.

جڏهن اسان جي ياد ۾ وقت نہ گذرندو،
وڃن ڪانپوءِ اوهان کي پتو پوندو،
اسان جي پيار جو ذرو ذرو هتي رهندو،
اسين پنهنجو وجود ڪٽي هلياويندا سين،
وري نہ ڪنهن مند موٽي ايينداسين.

اوهان جي دل مون لاءِ بي چين پوءِ رهندي،
منهنجي خوشبو دڳن تي پئي ڳوليندي،
ويل گهڙي نہ ڪڏهن موٽي وري ايندي،
اسين پنهنجو پاڇو بہ ڪٽي هاٽي هلياسين،

وري نہ ڪنهن مند موٽي ايندا سين.

پرديسي تہ سدائين پيا ايندا ويندا،
ڪا گهڙي ٻہ توهان وٽ گهاريندا،
پر اوهان لاءِ نہ ڪر قرب جا نياپا هوندا،
اسين پنهنجي روح ۾ گم هونداسين،
وري نہ ڪڏهن مند موٽي ايندا سين.

**

# سانحو

سامراج کي کنھن ب مھل،
پورھيتن تي،
کڏھن نہ پئي کھل،

يزيد اجا تائين بہ جيئي پيو،
مظلومن جو،
رت اجاتائين بہ پيئي پيو.

اھو وقت بہ جلدي ايندو،
سامراج،
رت جي ڦڙي ڦڙي جو حساب ڏيندو.

**

# زهر

سڄي جسم جي رڳن ۾ سدا هلي پيو،
دماغ منهنجي ۾ آهستي پلجي پيو،
دل منهنجي ۾ آهستي سلجي پيو.

پور جي پوءِ وجي سور ٿيا،
سورن پويان ناسور ٿيا،
انسان ڪي ايترو مجبور ٿيا،
ظلم ڪي تہ ظاهر ظهور ٿيا،
بندا انسانيت کان ڏور ٿيا،
ڏوهي ڪي بي قصور ٿيا،
ههڙا هاچا بہ ضرور ٿيا.

سماج جي رڳن ۾ زهر سري پيو،
دلين ڪي ائين آهستي ڏري پيو،
دماغ منهنجو بہ هائي جهُري پيو.

**

# روشني

سج جي تپش،
چنڊ جي چانڊاڻ،
اها هڪ ئي روشني،
مون کي سدائين سان ڪٺي،
مون سان سدائين سان هلي،
دنيا ۾ جيئڻ جو اهڃاڻ ڏئي.

گهٽين جو هلڪيون،
بنگلن ۾ رنگين،
اسٽيج تي تيز،
ڪلبن ۾ جهڪيون،
اُهي سڀئي مصنوعي روشنيون،
انسان جي تخليق روشنيون،

پر هڪ تيز،
ٿڌي مٺي،
سڪون ۽ سڪوت جي لهر،
آسمان جي گهراين ۾،
زمين جي پاتال ۾،
اُونداهين ۾،
جڏهن بہ ملي،
نئين زندگي اُڇي،
حياتي آبدي ٿئي ٿي،
اُن کي،
دنيا موت چوي ٿي.

❊❊

# پوسٽ

ساز وڄائي تون جهيٽو،
هيانءَ اٿئي منهنجو هيٺو،
جُهڙ مان نڪرندڙ ڪرٽو،
ٿڪر تان وهندڙ جهرٽو،
سرد سيارو ۾ گلاب سان،
معطر خوشبو لاجواب سان،
ڏينهن جو سون جا ڪرٽا،
چانڊوڪي چاندي ڪرٽا،
نياريون چارئي مندون،
قدرت جون ڏنل سندون،
ايترين پيارين موسمن ۾،
اسين پريشان وطن ۾،
مان رهي آهيان تمام حيران،
مان رهي آهيان تمام پريشان،
ساز وڄائي تون جهيٽو،
هيانءَ اٿئي منهنجو هيٺو.

**

# خراج تحسين

{ان ماءُ لاءِ جيڪا سڳي ماءُ نہ آهي پر ماءُ جو درجو رکي ٿي}

من تنهنجو رهيو وياڪل،
دل تنهنجي رهي گهايل،
وجود تنهنجو رهيو ستايل،
تو زندگيءَ ۾ هر ظلم سَٺو آهي،
دنيا ۾ اُهو سڀ ڪجهہ ڏِٺو آهي،

تنهنجي پل پل ڪي ڳوليان پئي،
تنهنجي وجود ڪي ڳوليان پئي ،
ويل گهڙي ڦوليان پئي،
تون زندگي جو عظيم سراج آهي،
تون انسانيت جي معراج آهين.

❋❋

# پل

اهو پل زندگيءَ ۾ ڪڏهن ايندو،
اونده مان اسان کي اچي ڪڍندو،
اهو پل اونده ۾ روشنيءَ جي وچ ۾،

ان پل لاءِ جيئا ۽ مري وياسين،
اونداهين ۾ اسين رلي وياسين،
اُهو پل اونده ۾ روشنيءَ جي وچ ۾،

هي بک بيماري، محتاجي جو وقت،
احساس ماري پيو وقت بوقت،
اُهو پل اونده ۾ روشنيءَ جي وچ ۾،

سڪون جي پل جو سيني کي انتظار آ،
هر حساس ذهن تي وڏو بار آ،
اهو پل اونده ۾ روشنيءَ جي وچ ۾.

❊❊

# مرد

مان پنهنجي زندگيءَ جي ورق ورق کان،
اڻلائي پڻلائي هاڻي حساب وٺان پيو.

اڄ چئن طرفن تي ڪنڌن ۾ هيسيل،
چار مورتون پيئل مان ڏسان پيو،

حسرتون سندن مون کان پڇن پيون،
مورتون مون کان ڏاڍو لُڇن پيون،

آمڙ کي مون ڇو ائين آڪيلو ڇڏي ڏنو!
پيڻ کي مون ڪڏهن ڪين پڇيو، ڏنو.

جنهن ساٿي سان مون سڄي حياتي ڪاٽي،
مون سندس دل تي وهائي رڳو ڪاتي،

ٻچڙيءَ مون کان سدائين ٻاڏايو رنو،
مون نہ ڪڏهن دل سان ڪيس پيار ڏنو.

مون سدائين آ، دل کي صاف ڪيو،
عورت سان نہ ڪڏهن انصاف ڪيو،

مان بہ عجيب بد نصيب مرد آهيان،
مان پنهنجي ندامت جي گرد آهيان.

**

# ڏنڊ

مغز بي سست ۽ نيڻن ۾ ڏنڊ،
من رهي رڳو سورن جي ونڊ،
تڏهن بہ هن اُداس حياتيءَ ۾،
مان ڪلان تي پيئي خوشيءَ ۾،
مان ۽ منهنجا هڙئي ڏک،
مان ۽ منهنجي هيءَ حياتي،
منهنجي روح کان صفا جدا آهي.

❊

# مفاصلو

{ مرحوم شمون جي ياد ۾}

تون فلڪ جي گهرائين ۾،
مان پاتال جي اونداهين ۾،
هڪ ٻئي جي وجود کي ڳوليون ٿا.

تون نور جي روشنائين ۾،
مان غمن جي تاريڪين ۾،
هڪ ٻئي سان درد نہ سليون ٿا.

تون چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
مان سرابن جي اُهڃاڻ ۾،
هڪ ٻئي سان نہ ملون ٿا.

تنهنجي منهنجي وچ ۾،
ست فلڪ — ست افق،
تنهنجي منهنجي وچ ۾.

# انسان

ٻار مکڙيءَ، سهڻو چنڊ جيان،
جوان شينهن، ارادو جبل جيان،
عورت گل، نازڪ شيشي جيان،
ازل کان روان دوان،

دل سمنڊ، خوش لهرن جيان،
آمد طوفان، آواز گجگوڙ جيان،
دل ريگستان، اميد سراب جيان،
ازل کان حيران پريشان.

دوست تسليءَ لاءِ، دشمن تجليءَ لاءِ،
گهر سنسار لاءِ، دل پيار لاءِ،
پيار ٻار لاءِ، در يار لاءِ،
ازل کان شادمان بهاران.

من وياڪل، دل ستايل،
وقت سائل، روح گهايل،
ذهن اٽڪيل، دنيا پاڳل،
سنسان راهن تي هلي پيو،

زندگي جي هن پيهہ ۾ بہ،
تنهائيءَ جو زهر پيئي پيو،
اجا بہ جنم وٺي پيو،
ڌرتيءَ تي رڙهي پيو،

پر آهي هن جي جيءَ ۾ ويتل،
خوش، خالي، اُداس انسان،
پُر اميد، تنها، نراس، انسان.

ڪيسين تائين جيئندو مرندو رهندو؟
ڪيسين تائين ازل ڪان آجو ابد نہ ٿيندو؟

# فقيرياڻي

پيير بہ ۽ انگ بہ هئا اگھاڙا،
هزارين تماشائي بيٺا هئا وائڙا،
ڳاڙهي بتيءَ تي هو چئو-واٽو،
هن جي زندگيءَ جو هي بہ واٽو،
هيءَ سونهن ۽ ڪاٽي سُک!
پيٽ ۾ تہ پڻ ڏينهن جي بُک،
ڏسي ڪيسن ۾ سرڪندڙ هٿ،
نوٽن تي هي رُڪندڙ هٿ،
عزت جو ٿيوخوف پرهئي مجبور،
بي حيائي بہ ٿي پيٽ جو قصور،
صبح جو سمنڊ جي ڇولين ۾،
هڪ لاوارث لاش ترندو آيو،
ان رات ڪنهن مجبورعورت کي،
جڏهن ڪنهن عياش هو ڪٺايو،
غيرت بہ پنهنجن کي ڇڳو ڇاتو!
لاوارث لاش پنهنجن نہ سڃاتو.

**

# آئينو

اندر تنهنجو آئينو آهي،
ڏس تون پاڻ ليئو پائي،
پير، بادشاھ ۽ فقير،
پسي توکي ٿيا سڀ فقير،
پاڻ کان پاڻ نہ لڪائي،
اندر تنهنجو آئينو آهي.

تنهنجا مشتاق بي طلب،
اسان جو ذري ۾ بہ مطلب،
توتي منهنجي هجت آهي،
اندر منهنجو آئينو آهي.

جن بہ ليئو پائي ڇڏيو،
دنيا کي تن نہ کڏهن طلبيو
توتي منهنجي توڪل آهي،
دُنيا اندر آئينو آهي.

❊❊

# نويڪلي

مان پنهنجي هن حياتيءَ جي،
پل پل ڪي،
اٿلائي پٿلائي ڏٺو،
مون ڪي ڪٿي،
ڪو بہ ڪرڻو،
سچي پيار جو جهرڻو،
مون ڪي نظر نہ آيو.
مان ور ور ڏئي،
وري ڳولي، ڦولهي ڏٺو،
ڪٿي ڪو بہ ڪرڻو،
محبت جو جهرڻو،
مونکي نظر نہ آيو.

مان جهاتي پائي ،
پنهنجي جيءَ ۾،
اٿاهہ اونو سمنڊ ڏٺو،
جتي ڪو بہ ڪرڻو،
سچي پيار جو جهرڻو،
مون ڪي نظر نہ آيو.

پر اندر اونهي سمنڊ ۾،
اميد جا ڪرڻا،
لٽا چڙيا پيا،

جن ۾ زندگي هئي،
روشني ۽ جوش هو،
بندگي ۽ هوش هو،
پيار جي سچائي،
۽ خلوص هو.

پوءِ مان پنهنجي،
آس پاس نهاريو،
جتي ويراني،
نويڪلائي هئي،
هراس ۽ نراسي هئي.

پوءِ مون پنهنجي،
هن وجود کي،
نهايت بيدرديءَ سان،
وڏي جهدوجهد،
۽ سختيءَ سان،
بي حسيءَ جي،
سخت خول ۾،
سدائين لاءِ قيد ڪري ڇڏيو.

**

# قيد

دل ۽ دماغ،
جسم ۾قيد،
مان جو روح،
وجود ۾ قيد،
مان جو وجود،
فرد ۾ قيد،
مان هڪ فرد،
گهر ۾ قيد،
مان جو گهر،
ملڪ ۾ قيد،
مان جو ملڪ،
ڌرتيءَ تي قيد،
مان جي ڌرتي،
دنيا ۾ قيد،
مان جي دنيا،
ڪائنات ۾ قيد،
مان ڪاڏي اڏري وڃان؟
جو مان آزادي ماڻيان.

**

# دعا

(اڪميرا الاءِ)

تنهنجا ڪڏهن منڙا پڌندس ٻول،
سهڻا، منڙا منڙا چپ تہ ڪول،
پيار ۽ دعائن سان تون پر جهول.

ننڍڙا ننڍڙا پير ڪٽي جڏهن هلنديئن،
ماءُ ڌرتيءَ کي بہ ڏاڍي وڻنديئن،
انيڪ بهارن ۾ سدائين رهنديئن.

توکان پري رهي دنيا جو رنج ۽ الم،
انسانيت جو سچو پرائجان علم،
ڏکويل دل تي سدائين رکجان ملم.

حياتيءَ کي نہ سمجهجهان عجيب،
نہ حقير سمجهجهان ڪو غريب،
ٻين جي دعائن سان ملي نصيب.

توکي ڪوسو واءُ ڪڏهن نہ لڳندو،
منهنجي دعا جو توتي پاڇو رهندو،
رنج ۽ غم دنيا جو توکان پري هوندو.

برائي تو وٽ اچي ٿيندي غرق،
انسانن ۾ نہ رکجان ڪو فرق،
سچائيءَ جو سدائين پيئجان عرق.

**

# چوڏهين صدي

مون ڇا ڏٺو؟
ويهين صديءَ جي ستر ۾،
مون ڇا ڏٺو؟
ويهين صديءَ جي آخر ۾.

مون ڪيترا عيسيٰ،
صليبن تي چڙهندا ڏٺا،
مون ڪيترا يزيد،
يزيد ڪي بہ شرمائيندي ڏٺا.

مون ڪيترا منصور،
سنگسار ٿيندي ڏٺا،
مون ڪيترا بيگناهہ،
خوشيءَ سان مرندي بہ ڏٺا.

مون وڍيل هٿ،
وڍيل پير ڏٺا،
مون لٽيل عصمتون،
وڍيل ضميرن جا ڍير بہ ڏٺا.

مون زبان بندي،
قيد و تنهائي ڏٺي،
مون رستن تي،
ڦٿڪندي انسانيت بہ ڏٺي.

هيءَ انتها آهي؟
هي ءَ ابتدا آهي؟

مون فرعونن جي آخري شانتي ڏٺي،
سنگينن تي ٽنگيل آمن ۽ آشتي بہ ڏٺي.

هي دور ختم ٿي رهيو آهي؟
هي دور شروع ٿي رهيو آهي؟

❊❊

# ٻوڏ

منھنجا ٻوڏ جا ستايل مارو ويچارا،
موليٰ شل مون کي ڏيکارين جيئرا،
منٿ کريان توکي کھڙي دريا شاھ،
مان بہ مسڪين، نہ ابو اٿم بادشاھ،
واسطو انھن جو جي اٿئي پير پيارا،
منھنجا ٻوڏ جا ستايل مارو ويچارا.

لوڙيا تو مرون ۾ ڪيا ڪک ڪارا،
ٻوڙيا تو هيل بہ هڙئي ٻنيو ٻارا،
هيل ڪيئن ڪٽجندا هي سيارا،
منھنجا ٻوڏ جا ستايل مارو ويچارا،

سارو مون ڏسڻ لاءِ هوندا ڏاڍا آتا،
مينھن هاٽي نہ چن تون هي ناتا،
سامھون هيترا ڪُن، پري ڪنارا،
منھنجا ٻوڏ جا ستايل مارو ويچارا.

**

# واريءَ جو دڙو

خاموش ۽ چپ چاپ،
واريءَ جي هن دڙي تي،
مان بيٺي آهيان.

مون سامهون هيٺ،
ماڻهن جو وڏو سمنڊ،
پر مان اڪيلي آهيان.

ڪير بہ مون ڪي جاءِ نٿو ڏي،
واريءَ جي هن دڙي تي،
مان بيٺي آهيان.

ماڻهو هڪ ٻئي کي ڇيڀاڙي،
هلندا پيا اچن وڃن،
پر مان اڪيلي آهيان.

صبح جو پُرجوش هئس،
شام پُر اميد آهيان،
مان بيٺي آهيان،

نيٺ رات بہ اچي ويندي ،
ڏاڍي زور سان هوا لڳندي،
پوءِ مان هن واري جي دڙي ۾،
جيئري دفن ٿي ويندس.

❊❊

# چئوسٽا

حياتي گھارڻ نہ آهي ڪم سوکو،
منزل منزل تي آهي رڳو دوکو،
وقت جو سفر آهي ڏاڍو اوکو،
منزل منزل تي آهي رڳو دوکو،

*

قوم مون لاءِ آهي اڻ چاڻ،
تون نہ مون کي ڪو هاڻ سُڃاڻ،
وقت جو اٿئي هي اُهڃاڻ،
وقت نہ ڪڍي تنهنجي ڪاڻ.

*

روشني ٿي آ، منهنجي دل جي آندر،
اڳياڙي پڇاڙي ٿي ويندي سُندر،
دل جيڪا رهي پي سدائين جهُرندڙ،
هاڻي دماغ نہ ٿي سگھندو ڪَنڊر.

**

# پائڙو

{بابر سائين لاءِ}

منهنجو پائڙو ٿيندو تڏهن گهوٽ،
ڪمائي موتي ايندو جڏهن ڳوٺ،
امان ياد ڪري ادل هر ويلي سان،
مان گرهہ ڪانوان ٽي هر حيلي سان،
هاڻ تہ پائڙا جلدي تون موٽ،
منهنجو پائڙو ٿيندو تڏهن گهوٽ،
بهشت مان هڪ حور لهي ايندي،
منهنجي سا اچي پاڃائي ٿيندي،
سج چنڊ جي جوڙي ڏسندو لوڪ،
منهنجو پائڙو ٿيندو جڏهن گهوٽ،
رات جو ننڊ ۾ ادل جڏهن هوندو،
رڳو اسان کي خوابن ۾ ڏسندو هوندو،
پيار جي اسان ۾ نہ ٿيندي، ڪا کوٽ،
منهنجو پائڙو ٿيندو جڏهن گهوٽ،
مان چنڊ ۾ بہ جڏهن نهاريان ٿي،
شل انتظار جي ٽئي هاڻ ڪوٽ،
منهنجو پائڙو ٿيندو جڏهن گهوٽ.

❊❊

# ناچڻي

جيئري مئل حياتي،
پڙڪيل وساميل جذبا،
ويران من مندر،
اکين ۾ مصنوعي چمڪ،
ميڪ اپ جي ٿهيل مورت،
ڇُن ۾ ٿقيل عورت.

جوانيءَ جو آسون ،
پيريءَ جو نراسون،
جسم محبت جا شعلا،
من ۾ نفرت جا اُلا،
جواني جو رنگين راتيون،
پڇاڙيءَ جون سنگين راتيون.

هوريان هلندڙ،
هوريان سَڙَندڙ،
معاشري ۾ مئوزهر،
جيڪو جلدي ڏيکاري اثر،
سندس وجود،
مرد ٿئي نيست نابود.

هتي پهچائڻ وارو بہ،
هتي نچائن وارو بہ،
اهو ئي ساڳيو مرد،
جيڪو نہ سمجهي سگهيو،
ڪڏهن سندس درد.

دل وندرائي پئي،
تماشو ڏيکاري پئي،
دنيا بہ پئي پسي،
پر مرد جي،
تباهي ۽ بربادي جو،
تماشو بہ پئي ڏسي.

**

# واعدو

اهڙا انسان دنيا ۾ بي شمار،
دلين ۾ جن جي رهن زخم هزار،
حياتيءَ ۾ آهن رڳو ڏک اڪيچار،
اچو تہ انهن کي ڳولي ڪڍون ،
سندن زخمن تي مرهم رکون.

ڏسڻ ۾ نظر اچي هر ڪو سکيو،
پر وقت ڪتجي پيو ڏکيو،
سبق مون اُنهن مان سکيو،
سُک سان ڪڏهن نہ ويهندس،
هر ظلم خلاف مان قلم کڻندس.

❊❊

# مست انسان

آسان آزاد منش مست ملنگ انسان،
ويھين صديءَ جا آھيون سُڌريل انسان.

هر ڳليءَ تي آٿئي يار اسان جو ئي ديرو،
هر فٽ پاٿ آهي اسان جو ئي وسيرو.

ڏينهن نہ رات جي رهي ٿي ڪائي خبر،
اسين رهون پيا هر دور کان صفا بي خبر.

اسان لاءِ ئي تہ سور پِٽي ويا سڌريل،
رهياسين اسين ساڳيا ئي اڻ سڌريل.

ڪڏهن نہ ماپون اسين نون ڪپڙن ۾،
سفر ڪريون سدائين شاهي چڪڙن ۾.

ڪيون جي اردو ڪيون جيڪر بادشاهي،
پيرين اگهاڙي نہ پٽِيون ڪٿي ساهي.

هيڏي هوڏي آجايو پيا هلون ڪامريڊ،
ڪنڊن جي رستي ڪريون پيا پريڊ.

منزل بہ ڪندي رهندي آهي اسان کي تلاش،
اسين آهيون هن دور جا ڪروڙ پتي قلاش.

اسان کان رهي سدائين دنيا جو هر بندو بيزار،
اسين آهيون هر دور لاءِ وڏو ئي آزار.

محلن يا بنگلن جي نہ رهي ڪا طلب،
نہ آهن اسان جا دنيا سان ڪي مطلب.

مرڪي جيڪو ملي سو اسان ٿئي يار،
کلي جو ڳالهائي دل ان تي ٿئي نثار.

ڏسي هي افعال مومل دل نہ اٽڪائجان،
متان مورک اجائي دلڙي نہ وڃائجان.

نادان دل کي جي تنهنجي ڏک رسندو،
توکي پوءِ پڇتائڻ مان بہ ڪي نہ ورندو.

مڙس جي هجي تہ اسان جهڙو ڦڏو،
مومل هوندي نہ تہ صفا کو جڏو.

توسان مومل ڪريون کهڙا ماٽا،
اسين آهيون تنهنجا ڦڪڙي راٽا.

**

# تنهنجو شهر

(لاڏاڻي لاءِ)

هي شهر تهنجو نہ ٿي سگهيو منهنجو ديرو،
هتي رهيو منهنجو بي نوا لاچارن جيان وسيرو،
تنهنجي شهر کان سدا لاءِ ويندا سين هليا پري،
مسافر ٿي نہ اچون هتي شل کو سفر ڪري،
هتي مايا ۽ پيٽ کي رڳو آ، سلام رهيو،
مون لاءِ ڏکن جو هتي آ، رڳو ڪلام رهيو،
توکي نہ هتي کو عزت ۽ وقار ملي سگهيو،
ايندڙ ويندڙ بہ توتي ٺٺولي ڪري پيو،
تو سک جو نہ هتي ڪڏهن ساهہ کنيو،
ڪنڊن سان پريل گس تولاءِ سڀني چڏيو،
هرزبان تي تنهنجو چرچو هتي عام رهيو،
تنهنجي شرم حيا جو نيلام هتي جام رهيو،
ڏک نہ تنهنجا هتي ڪنهن کو ونڊايا،
پر پنهنجا بہ واسينگ ٿي توکي ڦري آيا.
هي شهر آباد شل تا قيامت تائين هجي،
خدا نہ ڪري کو تو جيان باهہ ۾ پلجي،
سان ننگ وطن هاڻي هتان وڃن پيا،
ڏکن سورن جو ڏنل سوغاتون کڻون پيا،
هتي جا گذاريل ڏينهن نہ وسري سگهندا،
پر دعا جا کر رڳو دل مان پيا نڪرندا.

**

# من

مان نہ توکي هاڻ ڏسان ٿي،
من پاتال جيءَ ۾ هڙتال،
پر توکي هر دم پاڻ پسان ٿي.

موجود مان صدين کان هتي،
من ۾ پرپيات نيڻن ۾ بَرسات،
تون هليو وئين نہ ڄاڻ ٿي؟

ڪڏهن تون هتي نہ ايندي؟!
مون تي نہ وس جيءَ کي جَسُ،
مون کي ڪڏهن هتان نيندين؟

❊❊

# مسافر

هڪ اجنبي،
هڪ مسافر،
جنهن جي هڪ هٿ ۾،
محبت جو ڏيئو،
جنهن جي لاٽ سان ،
دنيا روشن ٿي،

هڪ اجنبي،
هڪ مسافر،
جنهن ٻئي هٿ ۾،
ڪشڪول،
جنهن ۾ ڪيس،
پيار جي طلب آهي.

سندس ٻئي هٿ،
طالب و مطلوب هئا،
هن شهر ،
هن جهنگ جهر،
صدا هنئي،
پيار ڏيو محبت وٺو.

هن جي صدا تي،
ماڻهن ڪئي ٺٺولي،
ڪين سمجهيا،

سندس ٻولي،
پوءِ بہ هو،
مايوس نہ ٿيو.

پر اوچتو،
سندس ڏيئو،
اسان جي ٻي جا،
تمدني رواجن ريتن،
ٻي جا غرور جي سامهون،
پڄي پرزا پرزا ٿي ويو.

ان اجنبي مسافر،
نراسائي ۾ ڪاوڙ ۾،
ڪشڪول بہ،
ان ٻي جا رواجن جي،
پٿين تي،
پڄي پرزا پرزا ڪيو.

اوچتو ئي اوچتو،
اسان جو سڀ روشنيون،
ڏيئي جي وسائن ڪانپوءِ،
بند ٿي ويون،
ماٺون چرين وانگر،
ان ڏيئي ۽ ڪشڪول کي،
ڳوليندا پيا ٿا وتن،

مان بہ پين وانگر،

ان ڏيئي ۾ ڪشڪول ڪي،
ڳوليان پئي،
جيئن مان بہ،
پنهنجي اندر ڪي،
من جي مندر ڪي،
روشن ڪيان،
پاڻ ۾ جهاتي پائي،
روشني ڏسان،
پر مون ڪي اجا تائين،
ان ڏيئي ۾ ڪشڪو جاء
پيڳل تڪر بہ ڪو نہ مليا.

**

# مونجھ

ڪجھہ ڪي مون سان ڳالھاءِ.
هيانءَ جي مونجھہ لاهہ،
ٻڌاءِ ڪجھہ مونکي،
وندرائي ڪجھہ مونکي،

انهن جي ڳالھہ ڪر،
جيڪي سڄي حياتيءَ
غرض جي ڪاتيءَ ۾ بہ،
خوش رهيا،
ڏک جن ڪان پري رهيا،

انهن جي بہ ڳالھہ ڪر،
جن جا جگر،
اسپتالن جي درن تي،
دوائن جسي نہ هجڻ تي،
ڦٽڪي نہ مئا هجن،
توڙي هنن وٽ،
نہ هجي، پيسو،
خالي هجي کيسو.

اهڙن جو ٻڌاءِ،

جن جا ڪکن وارا گهر،
جهڙا جنگ جهر،
عاليشان بنگلن اڳيان،
سهڻن جنگلن اڳيان،
ڪنوڻ جي تڙڪاتن ۾،
طوفان جي زوزاتن ۾،
اڏامي ويا هجن،
پر انهن، عاليشان بنگلن،
سهڻن جنگلن جا،
خواب ڏٺا هجن.

اهي ڪهڙا انسان ،
جن بک جو ويلو،
ڏک جو حيلو،
نہ ڏٺو هجي،
پوءِ سندن دلين ۾ ،
انسانيت جو ڪو،
وسيلو هجي.

اهي ڪهڙا عياش انسان،
جيڪي رات جي،
اونداهين ۾،
ڪتن جي،
اونائين ۾،
ڪکائن درن تي،
وڏن موٽرن تي،
پنهنجي نياڻي،

زال سياڻي،
ڇڏي اچن ٿا،
پوءِ بہ اُهي،
پوءِ بہ غيرتمند سڏائين ٿا.

اُهي ڪهڙا،
پائر ۾ پيئر،
جيڪي ڪيترن ويلن جي،
بک نہ سهي،
پنهنجي مجبوري پسي،
بک جو سودو ڪن ٿا.

اهڙا ڪهڙا انسان ،
جيڪي پِيلو ڏېرو،
جسم ڏسي،
بک ۾ مجبوري پسي،
موٽي وڃن ٿا،
هنن کي،
ليڙون لٽن ۾ چوڪر،
پيلي ڏېري نينگر،
ڪا نہ وڻي ٿي.

مون کي ڪجھ ٻڌاءِ،
مون کي ڪجھ سمجهاءِ،
ائين دنيا ۾ ڇو ٿوٿئي؟
غريب جي عزت،
بک ۾ وڪامجي ٿي،

تہ اهو گناهہ ٿيو،
پر امير جي عزت،
وڏي سوسائٽي ۾،
بي بها وکامجي ٿي،
نہ اهو گناهہ نہ ٿيو؟

# نشان

زندگي جي هن ريگستان ۾ مان،
قدمن جا ڇڏي ويندس نشان،
هوا تہ زور پئي لڳندي رهندي،
منهنجا نشان بہ ڊاهيندي رهندي.

سج ، چنڊ ۽ تارا هتي صدين کان،
رڳو فنا ٿيندو رهندو هي انسان،
رات ڏينهن ۽ وقت ساڳيو رهندو،
نئين احساس سان انسان نئون رهندو.

تون ڪٿان آئينءَ؟ تون ڪير آهين؟
اهي امر سوال نوان تہ ناهن،
اربين انسان جواب ڳوليندا رهيا،
امر سوال تہ سدا لاءَ امر ئي رهيا.

وجود هي منهنجو پل جي قيد ۾،
پل منهنجو رهي وقت جي قيد ۾،
فڪرجي گهراين ۾ بہ هاٽي مان،
تو کان پري ۽ تنهائي ۾ مان.

**

# معبود

تون ئي منهنجو مالڪ تون ئي معبود،
منهنجي هيءَ حياتي تنهنجو وجود.

ذرتيءَ جي ڪنهن ٽڪري تي مون ڪي،
رهائي ڏي منهنجو هي وجود مون ڪي.

ڪيسين تائين دل پئي اجا ڌڪڪندي؟
ڪيسين تائين حياتي اجا پئي پٽڪندي؟

منزل جا نہ اجان تائين پئي ٽي اچي،
دل تہ اجان تائين پئي پُڇي.

قفس جو ڪڏهن هي ٽٽندو چار،
مان پنهنجي وجود ڪٺي هي بار،

ڪڏهن اڏري ويندس هن هوائن ۾،
ڪڏهن گم ٿي ويندس هنن خلائن ۾.

**

# منزل

پاڻ ۾ مان هڪ مڪمل شخصيت،
هر انسان جي هڪ مڪمل حيثيت،
هزارين مشڪلن جي باوجود بہ،
مون ۾ رهي جئڻ جي وسعت،
هن گهور اونداهين ۾ بہ مان،
دل روشن ڪري پئي سدا هلندس،
وقت بہ مون کي اڳتي پيو ڌڪيندو،
مان روشني پئي ٿي هتي هلندس،
ڪيترابہ زلزلہ ۽ طوفان هوندا،
منهنجا رستا نہ روڪي سگهندا،
مونکي منهنجيون سڀ ڪوتاهيون،
منزل تي مون کي ضرور پهچائينديون،
مان جي نہ پهچي سگهيس منزل تي،
پين کي اها راهہ ضرور ڏسنديون،
ڪي انسان تہ اها منزل ماڻيندا،
مون کي ڪڏهن نہ سي ياد ڪندا.

**

# ڪُنَ

حياتي تہ اها ئي اٿئي مَنَ،
عادي آهيون ڪاٽڻ لاءِ ڪُنَ.

وقت گذريو اوندهہ جي وچ ۾،
آس نہ پر نراس جي ڳچ ۾.

ڏکيو نہ پيو سهي سگهياسون،
سڀ ڪي تسلي ڏئي هلياسون.

اسان جي وقت بہ هي ڏس،
گذارو هتي بہ ڪيوسين بس.

❊❊

# اندر جو پاتال

منهنجي اندر ۾ جي ليئو پائيندين،
تون اگر ڪڏهن مون وٽ ايندي،
توکي ڪجھ ڪين نظر اچي سگهندو،
اونهي اونده جي وڏي پاتال ڪان سواءِ.

مون ڪان جيڪر تون ڪجھ پڇندين،
تون اگر ڪڏهن مون وٽ ايندين،
مان توکي سڀ ياد ڏياريندس،
شايد رڳو تنهنجي ضمير ڪان سواءِ.

تون ڪڏهن مون وٽ ڪو نہ ايندين،
شايد پنهنجي ضمير ڪان ڊڄندين،
مون کي بہ سچاني ڪو نہ سگهندين،
شايد رڳو پنهنجي هٺ ڪان سواءِ.

**

# ساھہ وارو

مان ماس وارو،
ازل کان ساھہ وارو،
موجود گلن ۽ رنگن ۾،
بادلن ۽ جبلن ۾،
خوشبو وارين فضائن ۾،
سمنڊ ۽ آسمان جي گهراين ۾،
هن خوبصورت،
ڪائنات جو ذرو ذرو،
منهنجي وجود جو پتو ڏئي ٿو.

مون لاءِ وسيل،
ڪيئي شهر،ڪيئي ڳوٺ،
مون لاءِ هن ڌرتيءَ تي،
انيڪ رنگ ۽ جهنگ،
مان نہ مرد،
مان نہ عورت،
مان بي جنس،
املهہ ماڻڪ انسان،
جنهن لاءِ ڌرتيءَ جي مٽي،
منهنجو پتو ڏئي ٿي.
ڪروڙين صدين ڪان،

مون لاءِ هيءَ ڌرتي،
وسائي وئي،
مان مايوس ۽ پر اميد،
آس ۽ ڌراس وارو،
ڏک ۽ سک سان،
هجومن ۾ ٻہ،
ازل کان ڀٽڪندڙ ،
تنها اڪيلو انسان،
جيڪو پنهنجو اصلي،
وجود ڳولي پيو.

**

# دل جي ڳالھ

{مائي شرم خاتون لاءِ}

ڪير ٿو چوي جي پان وڇڙي وياسين،
تہ پوءِ ڪا ڳالھ ڪانہ ڪي هوندي،
دل جي اندر ۾ جدائي جو ڏک رهندو،
پر اکين ۾ ڪڏهن برسات ڪانہ هوندي.

ڪير ٿو چوي تہ پاڻ وري ڪٿي ملياسين،
تہ پوءِ ڪا ڳالھ ڪانہ ڪي هوندي،
ان خوشي جي وڏي پل جي باوجود،
اندر ۾ وڏي پوءِ برسات ٿيندي.

ڪير ٿو چوي تہ پاڻ جدا ٿي وياسين،
تہ پوءِ ڪا ڳالھ ڪانہ ڪي هوندي،
دنيا جي مليل خوشين جي باوجود،
دل تہ توکي هر پل پئي ياد ڪندي.

ڪير ٿو چوي تہ پاڻ وري ملياسين،
تہ پوءِ ڪا ڳالھ ڪانہ ڪي هوندي،
ايتري وڏي رت جي ناتي جي باوجود،
دل جي ساڳي تہ حالت ڪانہ رهندي.

**

# ڪجھ

مان ڪجھ هتي لکڻ چاهيان پئي،
پاڻ کي بہ ڪجھ وندرايان پئي،
دنيا کي بہ ڪجھ سمجهايان پئي،
غمن ۽ خوشين جا هي مسئلا،
دنيا جا پيا ڪيترائي سلسلا،
مان هڪ سمنڊ ۾ چولي جيان،
وقت گذري پيو پاچولي جيان،
دنيا جي لاهين ۽ چاڙهين سان،
ڪن منافق انسانن سان،
مان پڇي ڪانہ سگهان ٿي،
مان ڪجھ نہ لکي سگهان ٿي.

**

# خاموش نگاهون

خاموش اکين ۾ اهي وچايل ڳوڙها،
ڪن ٿا دل منهنجي کي سوڙها،
ڏسي تنهنجون خاموش هي نگاهون،
نڪرن ٿيون دل مان پيار جون صدائون.

مڪ تي آهي تنهنجو خاموش پيار،
ڏني جنهن تي آهي دنيا ميار،
اهو تنهنجو باوقار آهي هلڻ،
ڏسي جنهن کي دل جو ڦُلڻ.

اچي دل ۾ تون سمائجي وڃ،
ذري ۾ تون جذب ٿي وڃ،
تولاءِ آهن اُهي ڦهليل سَدائون،
ويران مڪ تي ءِ جُهڪيل نگاهون.

رهندو نہ پوءِ تنهنجو مان جو وجود،
دنيا ۾ ڳوليندي اسان بي سود،
ڏسان پئي مان تنهنجي راهہ،
منور کي نہ آهي دنيا جي پرواهہ.

**

# مختصر شعر

موت سان اکين ۾ اکيون تون ملائي ڏس،
ڪڏهن حياتيءَ کي داءُ تي لڳائي ڏس.

❊

ڇا پئي سوچين تون اڳواٽ،
نہ هيءَ منزل نہ هوءَ واٽ.

❊

پاتو نہ مون ڪڏهن زربخت،
پوءِ بہ نہ ڏنو نصيب، ڪو بخت.

❊

ڳهن سان پيريل عورت،
ميڪ اپ ۾ سون جي مورت.

❊

نيلامي جو وٺي پيو ٿو جيڪو مال،
ان جو اندر آهي رڳو خال خال.

❊

دل جي ٿي نہ ڪا سڻائي،
ڏکن جي رهي ٿي گهڻائي.

❊

هر اويل هر سويل
انتظار رهي هر ويل.

❊❊

# پاڳو پيو

# ڪالم

# ”گشا“

## (01)

ڪي واقعا اهڙا بہ هوندا آهن. جيڪي ذهن تان وسري نہ سگهندا آهن. هر انسان جي زندگيءَ ۾ خوشگوار واقعا ٿيندارهندا آهن، جن مان ڪي تہ ذهن تي چنبڙي پوندا آهن.اسان جي سنڌڙيءَ عظيم فنڪارن ڪي جنم ڏنو آهي. جن ۾ مرحوم استاد محمد ابراهيم بہ هو. مون ڪي يادآهي تہ جن ڏينهن ۾ زبيده ڪاليج،جيل روڊ حيدرآباد ۾ ساليانو فنڪشن ٿيندو هو،مرحوم استاد محمد ابراهيم اڪثر اتي هال ۾ ويٺو ٿي نظر ايندو هو. گهڻو ڪري هر ڇوڪريءَ ڪي چوندو هو تہ امان هي بيت پڙهي ٻڌائي. مرحوم جي فنڪار بلڪہ سٺن فنڪارن جي ڳولا ۾ جاري رهي ۽ اهائي سندس عظمت هئي.مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي مهدي حسن آيو هو تہ اسان ڪيس پڪڙي هاسٽل جي ماني ڪارائڻ لاءِ وٺي آياسون ۽ وڏي خوشيءَ سان ماني ڪائي چيائس تہ هيءَ ماني تہ ضرور ڪائيٽي هئي، ڇو جو ايتريون منهنجيون نياڻيون ماني ڪائن تہ اتي مونکي ڪهڙو اعتراض.

اسان گهڻو ڪري پنهنجن فنڪارن جو قدر ايترو تہ ڪندا آهيون، جيتري قدر اهي ان جا مستحق آهن. مونکي وري ناخوشگوار واقعو بہ ياد آيو تہ ميڊيڪل ڪاليج جي جلسي ۾ جڏهن مرحوم استاد مصري خان جمالي الغوزو وڄائڻ آيو ۽ اڃان ٿورو وقت ئي مس ٿيو تہ اتي جي هڪ ڊاڪٽر صاحب ڪي الغوزو نہ وڻيو ڇو تہ هو فلمي گانن جو شوقين هو، سو ان الغوزو اڌ ۾ بند ڪرائي سندس پسنديده ڪاليج گلوڪاره ڪي فلمي گانو ڳائڻ لاءِ سڏيو. اسان جا اُهي فنڪار دل جا سادا هئا ۽ مرحوم استاد بہ چپ چاپ اٿي ويو ۽ مان بہ اٿي ويس، مان اڄ بہ جتي مرحوم استاد مصري خان جو نالو ٻڌندي آهيان تہ مونکي اهو واقعو ياد ۽ ان سان ڪيل خراب سلوڪ ياد ايندو آهي ۽ هڪ عظيم فنڪار سان جيڪو ٿيو سو ياد ايندو آهي.

منهنجو پاءُ بابر آمريڪا مان اڄ ڪالهہ هتي آيل آهي، سو ان مونکي چيو تہ آپا هي جلال چانڊيو ڪير آهي؟جيڪو مونکي دوست ملي ٿو، سو چوي ٿو جلال چانڊيو جا گانا ٻڌ. مون چيو مانس تہ پاپ ميوزڪ ڪي سنڌي پاپ ميوزڪ

سمجهي، پر مونکي يقين آهي تہ جلال چانڊيئي کي بہ انگريزي گانا ياد ڪرائي آمريڪا موڪلجي تہ اتي يڪتاري تي پنهنجي مخصوص سنڌي لهجي ۾ انداز ۾ ڳائي تہ انگريزن ڪان پاپ وغيره سڀ وسري ويندو.

اسان جا مرحوم فنڪار ۾ اهي فنڪار جيڪي پنهنجي عمر ۾ بيماريءَ جي ڪري هاڻي ڳائي نٿا سگهن. مان فنڪار لفظ جو دائرو وسيع ٿي ڪريان تہ اديب مصور مطلب تہ فنون لطيفہ جي هر شعبي جا مهندار، انهن لاءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟

مان پنهنجي حيثيت اهڙي تہ ڪانہ ٿي سمجهان، جو پاڻ وڏن کي ڪو بہ مشورو نہ ڏيان، پر هڪ تجويز منهنجي ذهن ۾ آهي سنڌالاجي ۾ سائين الانا جي هٿ هيٺ هڪ ٽرسٽ قائم ڪئي وڃي ۽ ان جي ايڊريس فارم ۾ ڏني وڃي. ان ايڊريس تي هر شاگرد هڪ رپيو ۽ هر ملازم 5 رپيا ۽ سيٺ يا زميندار ڏهہ رپيا هر مهيني يا هر هفتي مني آرڊر ڪري. سئو رپيا يا 5 رپيا ڪا اهڙي وڏي ڳالهہ نہ آهي. اسان روز الاجي ڪيترا پئسا ائين بہ وڃائيندا آهيون. پوءِ ان مان اسان پنهنجن انهن عظيم انسانن جي مدد ڪيون، جن پنهنجو آواز، پنهنجو ذهن، پنهنجا هٿ ۽ رت ست ڏئي، اسان کي ٻين قومن جي برابر بيهاريو آهي.

اسان پنهنجي اُن عظيم ورثي جي شايد ڪا ان طرح خدمت ڪري سگهون ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڪجهہ جيئڻ جي لائق ڪيون. توهان ۾ مان اهو چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ سرڪار سطح تي اهو سڀ ڪجهہ نٿو ٿي سگهي. سو اسان کي پاڻ ئي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کپي تہ مان چاهيان ٿي سنڌالاجي مان مرحوم فنڪارن جي ٻولين کي ماهوار وضفيو ملي، بيماري ۽ ڪسمپرسي وارن جو ڪو بہ تدارڪ ٿي سگهي. اسان وٽ جيڪي نوجوان ڊاڪترآهن،سي پنهنجن ڪلينڪن ۾ فنڪارن کي مفت ڏسن ٿي سگهي تہ انهن کي دوائون بہ مفت ڏين.توهان اسان ڄاڻون ٿا تہ ڊاڪترڪي دوائن جا ڪافي سيمپل مفت ملنداآهن، جن مان سندن پرائويٽ ڪلينڪون هلن ٿيون. سو خدا سندن روزي ۾ وڏيڪ برڪت بہ وجهندو ۽ ائين ڪرڻ سان سندن ڪمائي ۾ ڪا ڪمي ڪا نہ ايندي.

اميد تہ منهنجين تجويزن تي ڪجهہ غور ڪيو ويندو.

مئي 1981ع

## (02)

ادا (عمر الدين بيدار) الائجي چو مون کي هڪ عدد ڪالم يا نثر لکڻ تي مجبور پيو ڪري، مون کي ابن انشاء امر جليل ۽ ابراهيم جليس جا ڪالم ڏاڍا وڻندا هئا. باقي رسالي ۾ ڪڏهن بہ ڪالم نہ پڙهيو اٿم . هيءَ مون طرفان نئين جدت آهي. پر جئين تہ مان نثر لکڻ ۾ پختي نہ آهيان ۽ سست بہ آهيان، سو مون نالو ئي ”گشا“ تجويز ڪيو آهي. ادا عمر مونکي موضوع ڏنو آهي. ”سماج“ تي لکان. لکڻ کان اڳ پرکڻ ۽ ڏسڻ ان شيءِ کي ضروري آهي. سو مون بہ سماج جي ڳولا شروع ڪئي، پر منهنجي بدقسمتي جو ساڻس ملاقات اجان تائين ڪانہ ٿي سگهي. سڀ ماڻهون مون تي لکڻ لڳا تہ مان سماج کي ڳولڻ يا ڏسڻ چاهيان ٿي. بهر حال خبر پئي تہ تحقيقات ٿي تہ سماج بي جسم، بي رنگ، بي بوءِ ٿيندو آهي. مطلب تہ سندس ڪو نہ مهاندو نہ هوندو آهي، نہ ئي سماج ۾ ڏپ آهي نہ ئي خوشبو، سو اها ٿي هڪ سائنسي طريقي واري ڳولا!

سماج جي پرک مختلف انسانن مان پوندي. مثلن ڪي مون جهڙا جيڪي نہ ڪم جا نہ ڪار جا پر دشمن اناج جا. جڏهن ڪجهہ ڪري نہ سگهندا آهن تڏهن سماج کي گاريون ڏيندا آهن، ڇوجو ان مان جواب ملڻ جي اميد يا موچڙن جو ڊپ نہ هوندو آهي. يا وري وڏا وڏا ماڻهون جيڪي قد ۾ گهٽ پر پيسي ۾ گهڻا هوندا آهن سي سماج جو مان مٿي ڪندا آهن. پر سماج تي جيئن گاريون جو اثر نہ ٿئي، تيئن سندس مان وڌائڻ مان بہ ڪو فائدو نہ ٿيندو آهي. پر اسان جي پر خلوص ڪوشش هوندي آهي تہ اسان سماج جو نڪ مٿي ڪيون يا پنهنجو نڪ بہ مٿي ڪيون. خبر ناهي انسانن جي تصور ۾ سماج جي نڪ جو نقشو ڪهڙو آهي پر مونکي تہ ائين ٿو لڳي سماج جو نڪ نہ ٿيو نہ ڪو بجلي جو بٽڻ ٿيو، جو جڏهن دل چوي تہ ان کي هيٺ مٿي ڪجي، جيئن اسان خوشفهمي ۾ مبتلا ٿي بجلي جو بٽڻ کوليندا آهيون يا آن ڪندا آهيون تہ بجلي ايندي پر بجلي ڪونہ ايندي آهي. باقي اهو بٽڻ ڪليل وساري توهان آفيس ويندا تہ پويان سڄو ڏينهن بجلي ٻرندي رهندي آهي پر آفيس مان موٽندي ميٽ بتين جو پئڪيٽ ضرور وٺي اچجو ڇو جو اندر گهر ۾ گهڙندي ئي بجلي جيئن

ئي توهان جي پيرن جو آواز ٻڌڻي تيئن پڇي ويندي . سو ٿي سگهي ٿو سماج کي نڪ بہ هجي جو اسان گهمائي ڦيرائي سماج جي نڪ کي پڪڙيندا آهيون.

تحقيق مان اها خبر بہ پئي تہ سماج کي پٽيون يا ديواريون بہ هو نديون آهن. وڏي ۾ وڏي ديوار تہ ديوار چين آهي جيڪا چنڊ تان بہ نظر ٿي اچي، مان کونہ ٿي چوان باقي جيڪي چنڊ تي ويا آهن اهي ٿا چون! سو، سچ يا ڪوڙ سندن نيت. باقي جڏهن تي مان ويندس تڏهن پوءِ ڏسنديس تہ اهو صحيح آهي يا غلط، باقي مان ڪنن ٻڌيءَ تي اعتبار ڪونہ ڪندي آهيان. پيون ديوارون ڪچيون ۽ پڪيون هونديون آهن، ڪچيون پٽيون غريب جون ۽ پڪيون پٽيون سرمائيدار جو ٿينديون آهن. سماج جي پٽين کي پڳو بہ ويندو آهي جيڪو In۽ Out جي حساب سان ڪيرايون ويندو آهن. پهرين اسان In کي وٺون. مثال طور وڏيرو پنهنجي پٽيءَ جو گشت ڪندي پنهنجي ڪڙميءَ جي سهڻي زال کي ڏسندو آهي. اوچتو اهو ڪڙمي ڏهہ سال پراڻي خون جي الزام ۾ جنم ٽيپ ڪاٽڻ جيل ۾ ويندوآهي. پويان ڪڙميءَ جي ويچاري زال جو ڏٽي سائين جيئن تہ تمام رحمدل هوندو آهي بلڪ پنهنجي حويلي ۾ رهائيندو آهي ويچاري هن وڏي جهان ۾ ڪاٿي وڃين ڌڪا ڪائين! سو،صبر سان اتي گذاريندو آهن. هوڏانهن ڪڙميءَ کي ٿورو عقل اگر پوليس جي جٺ ڪانپوءِ بہ ڪو رهجي ويس تہ احساس ٿيندو اٿس يا پهريون دفعو اهو انڪشاف ٿيندو اٿس تہ سندس زال سهڻي هئي ، پر جي مون وانگر صفا پوڪ بصر هوندو آهي تہ وڏيري جو شڪر گذار ٿيندو آهي جو سندس گهر وارن جي سار سنڀال پيو لهي. هن نفسانفسيءَ جي دور ۾ بہ ۽ هي سماج جون پٽيون In جي حساب سان پڳيون ويون.

هاڻين Out تي اچو. ۽ ان جو مثال جرائتمندي سان ملائبو آهي. مثلاً هڪ امير جي سهڻي ڌيءَ اوچتو هڪ غريب جي پيڙي پوڙهڻ لاءِ عاشق ٿيندي آهي. ماٽنس پٽس پنهنجي ڌيءَ کي گهڻو ئي سمجهائيندا آهن، هوءَ سندس چونڊيل وڏي ماڻهون سيٺ فتو پائي ولد نٿو پائي سان شادي ڪري. باقي رهيو غريب جي آئيڊيل جو، سو سيٺ ڦتو پائي ولد نٿو پائي ٻن چئن سالن اندر شادي ڪانپوءِ غريب ٿي ويندو پر جيئن تہ ان ڇوڪريءَ تي عشق جو جن مغز تي وينل هوندو آهي سو رات جو آڌيءِ مهل سماج جي ديوار Out جي حساب سان ٽپي ويندي آهي. ٻن يا چئن ڏينهن ڪانپوءِ اها ڇوڪري تہ مائٽن کي ملي ويندي

آهي ۽ سندس اک بہ کلي ويندي آهي. پرسيٽ فتو پائي ولد نٿو پائي سان ڪلاڪ اندر شادي ڪري وٺندي آهي. غريب ويچارو مائٽن ڪي سڄي عمر نہ ملي سگهندو آهي ۽ مائٽن جون اکيون روئي روئي پورجي وينديون آهن.

سماج جو ٺيڪيدار بہ ٿيندو آهي جيڪي گهڻو ڪري اليڪشن جي وقت ۾ ظاهر ٿيندا آهن ۽ سندس ٿينڊبر بہ انهن ڏينهن ۾ کلندا آهن. پيرل پيارو جڏهن فجر جي نماز پڙهي تغاري کڻڻ لاءِ سنبرندو آهي تہ اڇتو سندس در تي ڪڙڪو ٿيندو آهي. ٻاهر وڏي ڪار ۾ سيٺ دادان خان جيڪو بہ تي سال اڳ داداگير هوندو هو سو ووٽ وٺڻ يا پيرل پياري جي هيءَ دنيا ۽ عاقبت سنوارڻ چاهيندوآهي ۽ اليڪشن ڪانپوءِ پيرل پياري کي ڪونہ سڃاڻندو آهي.

سماجي ڀلائي جا ڪم بہ ڪيا ويندا آهن، جيڪي گهڻو ڪري وڏن اميرن جون سهڻيون زالون ڪنديون آهن. جن ۾ سندس سونهن جو گهٽ، ميڪ اپ جو وڏو ڪمال هوندو آهي. ايتري قدر جو رات جو سمهڻ کان اڳ بہ ميڪ اپ ڪري پوءِ سمهنديون آهن ڇو جو سندن اصلي منهن مبارڪ، اگر سندن مجازي خدا، جي ڏسي وٺي تہ جيڪر هاءِ گوڙا ياوري يا حسين چئي آڏيءَ جو سليپنگ سوٽ ۾ روڄ تي نہ نکري اچي. اهي مايون ولائتي عطر ۾ ٻڏل رومال نڪ تي رکي ڏپ وارين ننڍين گهٽين ۾ وينديون آهن ۽ فوٽو ڪيرائي اينديون آهن.

ڪين پنهنجي ٻارن کان وڌيڪ ٻين جي ٻارن جو فڪر هوندو آهي ڇو تہ سندس ٻار وڏي لاڏ ڪوڏ سان نوڪرن جي هٿن ۾ ڪتن سان پلبا آهن. سندس اڪثر مختلف رنگين فوٽو فلمي هيروئن وانگر اخبارن ۾ ڇپيندا آهن. ڏهن هزارن جي ساڙهي پائي سادگي تي لکيل تقرير پڙهنديون آهن. ٻين جي اولاد لاءِ هر دم تيار هونديون آهن پر سندن مائٽ ٽڪي جي محتاج هوندا آهن.

سماج جو ديوارين تي چڙهي پاڙي واريون ٻارن جي ڳالهہ تي جهيڙا بہ ڪنديون آهن. سندس گهر وارا جڏهن آفيس موٽندا آهن تڏهن زالن جي چوڻ تي گهٽيءَ ۾ دنگل ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ بورچيخاني جو چاقو بہ استعمال ٿي ويندو آهي. بس واه سماج تنهنجي لئہ! تون نظر بہ ٿو اچين ۽ اسان دنيا تنهنجي نالي تي پيا هلايون هيءَ دنيا!! مان بہ توکي سلام ٿي ڪيان!!

اديون رسالو
ڊسمبر 1981ع

# (03)

سنڌ جي عورتن گذريل ڏهن سالن کان وٺي تعليمي ۽ هنري ميدان ۾ چڱي ترقي ڪئي آهي. مان مڪمل تہ نہ چوندس باقي چڱي خاصي ضرور چوندس ، هاڻين گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن نياڻي جو اسڪول ڪاليج ۾ پڙهڻ عيب نٿو لکيو وڃي. توهان سنڌي عورتن کي ميڊيڪل، انجنيئرنگ سان گڏوگڏ ٻيين مختلف شعبن ۾ بہ ڏسي سگهو ٿا. هڪ نياڻي جيڪا ٻاهر نڪري پڙهي ٿي ۽ پنهنجي روايتن سان گڏوگڏ جيڪا پنهنجي خاندان جي عزت جو خيال رکي ٿي،اها نياڻي لائق تحسين آهي. ڇو جو اسان وٽ مشرق ۾ عورت هڪ مقدس هستيءَ جو نالو آهي ۽ اهو تصور صدين کان اڄ تائين بہ هلندوٿو اچي ۽ خدا ڪري ائين قائم رهي. دنيا ۾ جيئن تہ ذهني بيداري ڏاڍو تيزيءَ سان اٿي رهي آهي تہ بيداريءَ ۾ اسان جي سنڌي عورت بہ پوئتي نہ آهي. هي ڳالهہ رڳو هاڻوڪي زماني سان نهڪي ڪانہ ٿي ڇي پر جڏهن عورت جو ٻاهر نڪرڻ معيوب لکيو ويندو تہ اسان وٽ پردي ۾ ويهي عربي فارسي جي تعليم بہ پرائي ۽ اسان اڄ ان پراڻي دانشور ۽ تجربيڪار عورت جي نئين زماني جي يونيورسٽين جي قابل ڊگري يافتہ عورت بہ ان جو مقابلو نٿي ڪري سگهي . ڇوجو پراڻي عورت چاهي ٿوري گهڻي پڙهيل هجي يا جاهل اها پنهنجي زندگي کي نهايت عقل، باريڪ بيني ۽ ٻين جي تجربي جي روشني ۾ ڏسندي هئي. پر اڄ ڪالهہ معاملو ان جي برعڪس آهي. اڄ جي ڇوڪري پڙهي ٿي. باقي ڪڙهي ڪانہ ٿي ۽ اهو حقيقت ۾ جيڪو اڄ معمولي مسئلو آهي، سو ڏاڍي تيزيءَ سان وڌندو ويندو ۽ اسان جي ثقافت ۽ اسان جي جيڪا پنهنجن روايتن ۽ خانداني قدرن جي سڃاڻپ آهي، ان کي ڪائي ويندو. مان ڪنهن تي ذاتي ٽوڪ نٿي ڪريان. پر مان سنڌ جي نياڻين کي سندن زندگيءَ جي هر نئين قدم اڳتي وڌائڻ جي سوچ جي دعوت ٿي ڏيان. جنهن جو فقدان ٿيندو پيو وڃي ان تي جذباتيت غالب ايندي پئي وڃي.

هڪڙو پهاڪو مونکي ياد پيو اچي تہ ”تر جي گٿي سو ڇوٽون ڪائي“ ۽ اهو پهاڪو انهن نياڻين لاءِ آهي جيڪي غلط قدم ٿيون کڻن پوءِ سڄي عمر پڇتائين ٿيون. مان ڪُلي طرح هاڻي ان مسئلي جو اظهار ڪيان تہ ڪي ڇوڪريون ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ پڙهندي ڪنهن نہ ڪنهن مرد کي پسند ڪن ٿيون تہ مائٽن کي ايتري بہ مهلت نٿيون ڏين جو اهي ويچارا ان ڇوڪري

بابت پڇا ڳاڇا ڪن ۽ ان جلد بازي جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ يا تہ اهو مرد انهن کي ڇڏي ٿو ڏي يا وري ٻارن سان گڏ مڙس کي بہ پالڻو ٿو پوي يا وري اهو اڳي ئي شادي وارو هوندو آهي سو پنهنجي ڪمائي تہ پهرين زال کي موڪلي ٿو (جيڪي سندس پهرين زال ٻارن جو حق آهي) ۽ پاڻ ٻئي زال جي ڪمائيءَ تي هلي ٿو.

اڪثر ڪي ڇوڪريون اهڙي مرد سان بہ شادي ڪن ٿيون، جيڪي اڳي ئي شادي وارا هوندا آهن اهي مرد اڪثر ڪري پنهنجي ذهني سڪون، يا زال وڏي عمر جي آهي، يا وري زال ڇٽ آهي، جو جواز پيدا ڪري ٻي شادي ڪن ٿا ۽ ڇوڪريون بہ بنا ڪنهن سوچ جي تہ اهو مرد جيڪو پهرين زال کي آساني سان ڇڏي پيو، پوءِ سياڻي توهان کي بہ ڇڏيندي دير نہ ڪندو، سوان سان شادي ڪن ٿيون.چوندا آهن تہ عورت ئي عورت جي درد کي سمجهي ٿي، پر اڄ جي عورت رڳو پاڻ لاءِ بہ نہ ٿي سوچي ٻي عورت جي درد کي سمجهڻ جي ڳالهہ تہ وچي ڪڏ جي تريءِ پوي.

هوءَ تہ رڳو اهو ٿي سوچي تہ هي مرد چوي ٿو تہ مان شادي ڪانپوءِ پنهنجي پهرين زال کي ۽ ماءُ پيءُ کي ڪونہ پڇندس. اهو سوچي خوش ٿئي ٿي اها سوچ يا دورا انديشي هن جي ذهن تي ڪونہ ٿي اچي تہ جيڪو مرد پنهنجي رت کي ڇڏي پيو، سو تنهنجي ڪهڙي پرواهہ ڪندو؟

تعليم يافتہ عورت، مرد تي Depend ڪرڻ ڇڏي ڏئي، بلڪہ پنهنجي ذاتي اعتماد تي زندگي بسر ڪري، شاديءَ کي هرو ڀرو پنهنجو اهڙو مسئلو نہ ڪري تہ شادي ڪانسواءِ زندگي بسر ڪونہ ٿيندي. اڄ جي ڇوڪري پنهنجي ماءُ پيءُ يار ٻائرن بار نہ آهي، هوءَ پاڻ ڪمائي ٿي. باقي رهي شادي سان بہ سوچي سمجهي ڪري. اڄ سنين ڇوڪرين لاءِ سنيون مائٽيون سندن در تي هلي ايندڀون آهن، دنيا اچا تہ ڪن چڱين ڳالهين تي هلي پئي. اُميد تہ منهنجون سنڌي پيڻرون منهنجو ڪالم پڙهي ٿوري غور و فڪر جو مادو پنهنجي اندر پيدا ڪنديون ۽ سٺي زندگي گذارينديون.

ائين نہ جو وري مائٽ پنهنجن نياڻين کي تعليم کان محروم ڪري ۽ عزت خاطر ٻاهر نہ ڪڍن، ائين وري اسان تعليم ۾ پوئتي پئجي وڃون ويا وري پڙهيل ڇوڪري جي عزت واري حيثيت نہ رهي.

اديون رسالو
اپريل 1982ع

## (04)

اڄ ڪالھ پردو ويچارو بحث ۾ قاتل آهي. مان تہ پردي جي قاتل آهيان، سو جيڪي پائر منهنجو هي ڪالم پڙهن، سي برقعو پائي پڙهن! پردي جي تاريخ تہ پراڻي آهي تہ پردي ۾ عورت جو وجود بہ صدين ڪان هڪ پئي جو لازمي حصو آهي. عورت جو احترام بہ هر مذهب ۾ آهي پر ان تي عمل گهٽ ٿيندو آهي. جيڪڏهن ان تي عمل ٿيندوآهي. ڪڏهن ان تي عمل ٿيندو اڃي ها جيڪو قلو پطره قلو پطره نہ هجي ها پر مائي شريفان قلو فطره هجي ها، جنهن جو ذڪر تواريخ ۾ ادب سان هجي ها. يعني تہ مائي ڏاڍي حيادار ۽ اشراف هئي ۽ سيزر تي اهڙي فدا هئي جو ان جي قتل بعد سر ڏنائين. ليليٰ مجنو يا پيا داستان بہ نهايت پاڪ داستان هجن ها تہ محترمہ مسمات ليليٰ جڏهن مجنونءَ جي زوجيت ۾ آئي تڏهن مجنون ان تي عاشق ٿي پيو، جڏهن اها خبر اوڙي پاڙي کي پئي تہ پين ماين کي ڏاڍو ساڙ لڳو تہ سندس مڙس مجنون جهڙا ڇو نہ هئا؟ نيٺ مردن ميٽنگ ڪئي ۽ پاڙي جو دانشور مورک جيڪو ”مورک“ هو، ان کان صلاح پڇي وئي، ان کي وري سندن عشق جو داستان روزانہ ”فساد“ ڇپرايو. ليليٰ جي پيءُ کي جو خبر پئي تڏهن اڃي عزت جو معاملو پيدا ٿيو، پر ليليٰ وات وڪيل ٿي ”ڏيان طلب“ فساد ۾ شايع ڪرائي هلي وئي تہ ڪيس ڪنهن برغلايو نہ هو. بس، هوءَپنهنجي رضا خوشي سان پنهنجي پيءُ وٽ وڃي پئي. پوءِ خبر پئي تہ مجنون هميشہ لاءِ رڻ پٽ ۾ ان دانشور مورک کي ڳولي پيو! سو اهڙي قسم جا پاڪيزه داستان ٿين ها.

مان ٻاهر ڪو نہ نڪران سو عورت ڪانفرس بہ ڪونہ ويس. منهنجي پيڻ اڪرم کي اها شڪايت هئي، پر مان جيئن تہ برقعو پايان ڪانہ پر آهيان پردي جي پابند، سو اتي جيڪي منهن اگهاڙي مرد آياسو پلا ڪيئن تو ٿهي اتي مون کي وڃڻ. مردن کي اگر پردي پويان پيهارجي ها تہ ان تي بہ غور ڪيان ها.

بنا برقعي هڪ سهوليت اها آهي تہ ڇوڪريءَجي چڱي طرح خبر پئجي وڃي ٿي تہ سنهي آهي، ٿلهي آهي يا ڇوڪري وانگر ڇوڪرو آهي.... ڪراتو بہ تہ، باه ڏيانس، اڄ ڪالھ عام آهي! هونئن تہ مونکي آمريڪا جون عورتون بہ پاڪستان مردن جيان لڳنديون آهن. عورت جو تصور آهي تہ نازڪ شيشي جيان هجي ۽ وزن ٻن گلاب جي گلن ۾ تُري. پر اُهي گل لوهہ يا شيهي جا ٿهيل

تہ هجن، ان ڪري ڊائيٽنگ جو رواج بہ آهي . اسان جي گهر، شاديءَ ۾ جيڪي مايون آيون، سي سڀ گهٽو ڪري زميندارن جو زالون هيون، انهن امان سان ۽ امان انهن سان شڪايت ڪئي تہ ڇوڪريون اسان جون ماني ڪونہ ٿيون ڪائين. ماميءَ لياقت کلي چيو تہ اسان زميندار آهيون سو آنَ جي بچت ٿيون ڪن. مرد چون ٿا تہ عورت کي عقل کُڙيءَ ۾ آهي شايد، تڏهن عقلمند ڇوڪريون وڏي کڙيءَ وارا سينڊل پائينديون آهن تہ جيئن سندن عقل جي ويجهو ڪير نہ اچي. اها بہ ڳالهہ مرد چوندا آهن تہ رات جي وقت عورت جو اهو عقل بہ هليو وڃي ٿو! ظاهر آهي تہ سينڊل سميت تہ ماڙهون بستر تي نٿو سمهي سگهي، سو سينڊل لاهي باقي ويلڻ يا ڪپڙن ڌوئڻ جي سوٽي پرسان عقل لاءِ رکي گهٽيون زالون سمهنديون آهن ۽ رات جو آڌيءَ ڪاڻپوءِ جڏهن سندس مجازي خدا رُلي پني ماني ڪائن لاءِ گهر ايندو آهي، تڏهن ان کي پنهنجي عقلمندي جو مظاهرو ڏيکارينديون آهن. اهڙن مردن کي ڪپي تہ زالن کي پگهار گهٽ ڀڏائين يا اوور ٽائيم ڪن ۽ هوٽل تي ماني ڪائن ۽ گهر جي ماني جي پرواهہ نہ ڪن . سال کن ٿيو تہ نوابشاهہ ميڊيڪل ڪاليج جي موڪل تي ۽ ڇوڪريون هاسٽل سان سامان ڀڏي گهر وڃڻ لڳيون. توهان کي اها بہ خبر هوندي تہ نوابشاهہ ۾ نامحرمن جو انجنيئرنگ ڪاليج بہ آهي، سو اُهي بہ ويگن ۽ بسن ۾ وڃڻ لڳا، اتي هڪ آفيسر جيڪو نهايت ديندار هو، ان کي ڳالهہ نہ وڻي ، سو، بس روڪي ڇوڪرين کي چيائين تہ توهان سڀ برقعو پائي اچو. اتي وات ڳاڙها ڇورا ان سان بحث ڪرڻ لڳا تہ هي مستقبل جو ن ڊاڪٽرياڻيون آهن. سو اُهي برقعو ڪيئن پائينديون؟ جڏهن ان آفيسر ڇوڪرين کي بس مان لاهي ڇڏيو تڏهن اتي هڪ ڇوڪر چوڻ لڳو تہ پلا، هي ڇوڪريون برقعو نٿيون پائين تہ اسان ئي ٿا پائي اچون.

اڄ ڪالهہ ان ڳالهہ تي ويچار پيو ٿئي تہ زناني يونيورسٽي الڳ هجي، پر ان تي ڪراچي يونيورسٽي جي ڇوڪرين کي هڪ اعتراض آهي. چون، سندن تہ يونيورسٽي تہ اڳ ۾ ئي ڇوڪرين جي آهي، ڇو جو ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪريون گهٽيون آهن، ها باقي رهيو ڇوڪرن جو مسئلو تہ بيشڪ انهن جي يونيورسٽي جو الڳ بندوبست ٿيڻ ڪپي نہ تہ ڇورا رُلي خراب ٿي ويندا.

شرم، حيا عورت جو زيور آهي ۽ ان زيور جي تلاش ۾ عورتون مختلف زيور نهرائينديون آهن، پر شرم حيا تہ مرد کي هجي. ڇو جو هر مرد ۾ اهو هئڻ

ضروري بہ آهي ۽ ڪم بہ ايندو آهي. مثال طور اهو تہ عورت شاديءَ وقت شرمائيندي آهي، ان ڪانپوءِ گهوٽ جي شرمائڻ جو وارو هوندو آهي، ويچارو قرضين ڪان شرمائيندو آهي، ان سان گڏ ساهرن جي گهر اچڻ ڪان بہ شرمائيندو آهي، جيڪي گهڙي گهڙي ايندا آهن ائين پڇاڙي م خلق خدا ڪان بہ شرمائيندو آهي،اها خلق خدا ڪيس اولاد جي صورت م بہ ڏيندو آهي. مطلب تہ شاديءَ ڪانپوءِ گهوٽ جا والدين گهوٽ ڪي ڏسڻ لاءِ ساهرا نانيءَ ڪي ڏسڻ لاءِ ٻارڙا پيءُ ڪي ڏسڻ لاءِ سڪنداآهن. ويچارن جو پيءُ رات ٻارهين ڪان پوءِ ايندوآهي، ڪڏهن ڪڏهن مهيني جي پهرين تي ويچارن ڪي ديدارن ڪي ڪرائيندو آهي.ادا عمر جي لاءِ صلاح اها آهي تہ ”اديون“ رسالو، جيئن تہ عورتن جو آهي، تہ ايڊيٽر ٻاجائي هجي ها. ٻانهن ٻيلي پاڻ ٻيلي هجي ۽ مواد بہ صرف عورتن جو هجي نہ تہ برو وقت پڇي ڪونہ ايندو آهي. مان همدردي ڀاءُ سان رکان ٿي، سو اها ڪيس سهڻي صلاح ڏيان ٿي. يا مرد ، جيڪي لکن تہ ان تي وڏن اکرن ۾ اها هدايت هجي تہ اُهي مواد نياڻين ڪي نہ پڙهڻ گهرجي تہ جيئن ٻائر گهر رسالو آڻڻ ڪان اڳ اهي پنا ڦاڙي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏين جيئن مردن جو پردو رهجي اچي.

جون 1982ع

# (05)

زندگي جا مختلف مرحلا ٿين ٿا سو ان ۾ هڪ مرحلو شادي جو بہ آهي. شادي ڪن لاءِ خانہ آبادي ڪن لاءِ تعدي ٿيندي آهي ڇوجو بدقسمتي سان سندن گلي ۾ هچا پئجي ويندي آهي. هر گهر ۾ جڏهن ڇوڪرو 25 سالن جو مس پهچندو آهي تہ اُن کي پرٽايو ويندو آهي، ڇو جو دنيا جا سڀ ڪيب ڪٽي چڪو هوندو آهي. مطلب تہ ڪاغذي ڊگري ۽ ڪاغذي نوڪري حاصل ڪري چڪو آهي، سو باقي رڳو پرٽو ڪپي. گهرن ۾ ڇوڪرين جي شاديءَ جو سعيو تہ جلدي مائٽ ڪندا آهن، پر سڪيلڊو ڪين ياد ڏياريندو آهي تہ ڪيس بہ ڪنوار ڪپي. بهرحال ان مرحلي مان نہ چاهيندي بہ گهڻا ماٺهوپار پوندا آهن ڪي ويچارا اها حسرت دل ۾ ڪٽي وڃي حورن سان دل وندرائيندا آهن.

سو ان تي مان پنهنجو پاءُ نادر جو ذڪر ڪيان ڇو جوڪيس شاديءَ جوڏاڍو شوق آهي، سندس هڙئي دوستن پرٽجي ويا آهن، پر پاڻ ويچارو اجان اڪيلو آهي. گذريل مهيني سندس پرٽيل بہ چار دوست تنبڍي آدم آيا سو انهن ڪيس پنهنجي ازدواجي زندگي جو ايترو تہ پيانڪ نقشو چٽي ٻڌايو جو ويچاري جو شوق جا جذبا ڪافي حد تائين سرد ٿي ويا. مثلاً چيائون نہ رات جو يارهين بجي ڪانپوءِ در هرگز ڪونہ کوليندي. سندس دوست ٻڌايو تہ رات جو يارهين بجي اسان گهر واپس پئي وياسين تہ اسان جي گهر ڪان ٿورو اورتي پوليس جي گاڏي ،جيڪا اسان کي ڳولي رهي هئي. زالن رپورٽ ڪئي تہ هي پئي بندا گم ٿي ويا آهن. اهڙيون پيون بہ ڳالهيون جهڙوڪ سس ننهن جي جهيڙن جون وغيره وغيره.

دوستن چيس تہ جيترو وقت اڪيلو آهين اُهو سٺو آهي، باقي جي مصيبت تہ هونئن بہ گلي ۾ پوڻي آهي. انهن ڇوڪرن اهو بہ چيو تہ زالن جون سڀ فرمائشيون بہ پوريون ڪيون پوءِ بہ انهن کي اسانجي پرواه نہ آهي. اڄ ڪالهہ جون زالون پنهنجي مڙسن کي پنهنجي سينڊل جو ڪوڪو ٿيون سمجهن. جزاڪ الله عورتن ايتري ترقي ڪئي آهي! اها مونکي هاڻين خبر پئي، ڪو زمانو هو، مرد پنهنجي زال کي پير جي جتي سمجهندو هو.

شاديءَ تي ظاهر آهي تہ ٿورو گھڻو خرچ بہ ٿيندو آهي ۽ امير ان وقت شان و شوڪت جو اظهار ڪندا آهن . ڪي ماڻهون هڪ ڪان وڌيڪ بہ شادي ڪندا آهن ۽ پنهنجي پيڙي پاڻ ڀوڙيندا آهن. جيڪو ماڻهو پنهنجي گھر جي دروازي مان بندوق جي گوليءَ وانگر ٻاهر نڪري تہ سمجھو تہ سندس گھر ۾ هڪ ڪان وڌيڪ زالون آهن. هونئن بہ شريعت ۾ چار شاديون جائز آهن، سو خاص ڪري امير ماڻهون ان جي پابندي ڪندا آهن. وڏيرن وٽ تہ هر سال چوٿين شاديءَ جي جاءِ خالي ٿيندي رهندي آهي ۽ سندس مرڻ ڪانپوءِ ملڪيت ننڍڙن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويندي آهي ۽ پويان پيءُ جي قبر ڪي پيا پٽيندا آهن يا وري پيءُ جي زماني جي عيش ڪي ياد ڪري ٿڌا ساهہ ڀريندا آهن. وڏيري جي ڳوٺ جي مولوي صاحب جي ٻارنهن ئي مهينا لئہ هوندي آهي، هر ڪٽڪ تي وڏيرو پاڻ پرڻجندو آهي ۽ ڦتين تي سندس ڪو نہ ڪو فرزند شادي ڪندو آهي. ننڍين فصلن تي بہ عيش ٿيندو آهي ويچاري هاريءَ جي پگھر جو پورهيو ڪراچي،لاهور يا ڪوه مري ۾ پيو خرچ ٿيندو آهي.

چون ٿا تہ ڪنهن وڏيري پنجين شادي ڪئي..... ”اڙي پيٽان هي ڇا؟“ سڄي ڳوٺ ۾ اهو چوپول پئي هليو. نيٺ آخر ويچاري بيزار ٿي مولوي صاحب کي گھرائي چيو تہ: ”مولوي صاحب مان تہ هنن جاهلن مان اچي ڦاٿو آهيان. هنن اٽپڙهيلن ڄٽن کي ڪهڙي خبر تہ شريعت ڇا ٿيندي آهي؟ پهرين انهن کان اهو پڇو تہ قرآن شريف ۾ ڇا لکيل آهي؟ مونکي تہ مجبوري ٿي پئي سو نڪاح ڪيم . مون واري پهرين زال اڄ سياڻي تي مرڻ واري آهي ڊاڪٽر تہ گھڻا ڏينهن اڳ جواب ڏنو آهي سو مان ڪو ان کي گھتو ڪونہ ڏيندس تون مولوي صاحب هنن جاهلن مان منهنجي جند ڇڏاءِ.“

شام جو وڏيري جي اوطاق تي ڳوٺ جمع ٿيو تہ مولوي صاحب چيو تہ: ”توهان کي خبر هوندي تہ اسلام ۾ چئن شادين کان وڌيڪ جي اجازت نہ آهي، پر وڏيري اهو ڪم ڪيو آهي تہ اهو سمجھو تہ وڏيرو مسلمان نہ آهي ڪافر آهي.“ وڏيرو بہ خوش تہ ڪير ڪافر چوڻ سان ڪافر نہ ٿيندو آهي ۽ ڳوٺ وارا بہ خوش تہ وڏيرو ڪافر آهي مولوي صاحب فتويٰ ڏني آهي. ڪجھہ ڏينهن سندس زال گذاري ويئي تہ وڏيرو پيهر مسلمان ٿي ويو.

شادين ۾ واپار بہ ٿيندو آهي،امير گھر جي ملڪيت گھر ۾ رکندا آهن توهان پلجي بہ سندس اولاد کي ملڪيت نہ سمجھجو بلڪہ اصلي مال ملڪيت

هوندي اٿن. يا وري حصاب ڪتاب سان شادي ڪندا آهن مثلاً سيٺ فتو ۽ پائي ڏيءَ پر ٽائي تہ پنج لکن جو ڏاج ڏنو ۽ پنهنجو پٽ اتان پرڻائيندو، جتان پنجن لکن جي ڏاج سان گڏ پٽ کي خاص سلامي ۾ ٽن لکن ملندي. اسان جهڙا مسڪين تہ نوٽ ايترا خواب ۾ ڏسون تہ اهو خواب دائمي ٿي وڃي ۽ مائٽ ڪفن پارائي وڃي ڪڏ ۾ اڇلي اچن. ڪي مون جهڙا ڇٽ پڙهي ڪنهن نوڪريءَ تي چڙهندا آهن تہ ڪين سندن زال ڳوناٺي اچتو ئي ڪانہ وٽندي آهي ۽ ذهني سڪون خاطر ٻي شادي ڪندا آهن. اها ٻئي ڳالهہ آهي تہ سندن اها زال پنهنجي ذهني سڪون خاطر يا تہ ان ڇٽ کي ليکيندي ڪونہ آهي يا ڪڏهن ڇڏي بہ ويندي آهي، ڇو جو ڇٽن سان سندس گذر نہ ٿيندو آهي. ڪي ماڻهون مختلف هنڌن تي مختلف نالن سان شادي ڪندا آهن انهن جو اهو يا تہ مشغلو هوندو آهي ياوري بزنس، يا وري محض شوق.

بهرحال دورنگي دنيا هاڻ رنگ برنگي دنيا آهي، سو ٿورو انسان کي سنڀالي هلڻ کپي نہ تہ ترڪي پيو تہ وري نہ اٿي سگهندو. احتياط لازم آهي.

اديون رسالو
سيپٽمبر 1982ع

## (06)

اسان جي ملڪ ۾ تعليم يافته ماڻهون گهٽ آهن سو به پڙهيل ڪيل گهڻا اهڙا آهن ، جيڪي راتون رات امير ٿيڻ ٿا چاهين. سو انهن اڳيان مون جهڙن انسانن جي رت ڪيڙن ۾ ڪابه هيڪ ڪانه محسوس ڪنداآهن. اسان جي ملڪ جي آسي سيڪڙو آبادي ڳوٺن ۾ آهي ۽ ڳوٺن تي وڏيرن جي حڪومت آهي، جيڪي اوطاقون آباد ڪندا آهن ۽ اسڪول ويران ڪندآهن . نهرائيندا صرف هڪ ڪچي پڪي مسجد آهن، ڇوجو سندن دل ۾ بهرحال خدا جو خوف موجود هوندو آهي ، ماڻهن ڪي ڏيکارڻ لاءِ نه ڪي خدا ڪي ڏيکارڻ لاءِ. جيڪو انڏو منڊو اسڪول هوندو آهي ، ان جو ماستر اسڪو جو ڪم گهٽ وڏيري جي منشي گيري گهڻي ڪندو آهي يا وري وڏيري جي سڪيلڊن جو جڏهن موڊ هوندو آهي انهن ڪي پڙهائيندو آهي. ڳوٺ جاهِر پيا ڏوڙ اڏائيندا آهن ۽ وڏا ٿي هر ڪاهيندا آهن بهر حال جيئن ته تعليم بالغان جو اهو مسئلوآهي اسان وٽ گهڻو آهي، سو مان به تعليم بالغان جي سلسلي ۾ هڪ عدد سبق پڙهائيندس. هن جو هڪ فائدو هي به آهي ته توهان ڪي پڙهڻ سان گڏوگڏ گهمڻ جو به مزو ايندو آهي ۽ توهان دنيا ڪي به بيوقوف ناهي سگهندا. پڙهائي شروع ڪرڻ ڪان اڳ، هڪ عدد سائو ڪتاب، مَس ڊاهڻ واري دوا، ڪاري مس ۽ پين ڪپندي، ڪاري مس توهان پئي ڪان اُڌاري به وٺي سگهو ٿا، چوري به ڪري سگهو ٿا.

هاڻي سبق پهرين شروع ٿو ٿئي. هي ڪيڙ ادا ڇا آهي؟ هي سائو نه آهي ڪتاب پڙهڻ لاءِ پر ڪم لاءِ آهي. هي ڪتاب ڪٿي ملندو آهي؟ هي ڪتاب پاسپورٽ آفيس جي ايجنٽ ڪان ملندو آهي. هي ڪتاب توهان خريد ڪيو شاباس . هاڻي ان تي لڳل تصوير ڪيڻي ڦاڙي ڇڏيو. هاڻين هيئن ڪيو، جو بازار مان لڪس صابڻ فلي ستارن وارو وٺي اچي، ان سان وهنجي نوان ڪپڙا پائي، مٿي ۾ پڪ تيل ج

و ۽ اڪين پنج پنج سرايون سرمي جون وجهي ۽ عطر گلاب لڳايو. هاڻي وڃي هڪ عدد فوٽو ڪيڏائي اچو ۽ اهو فوٽو هن ڪتاب تي تي چنبڙايو، جتان توهان فوٽو پرائي پائي جو ڪيڍيو هو. هاڻي مس ڊاهڻ واري دوا سان پاسپورٽ تي لڳل تاريخ ڊاهي ان ڪي پنج سال اڳتي وڌائي ڇڏيو. باقي رهيو نالي جو مسئلو، سو توهان پ اشتهار جيڪي هيٺين ريت لکيل هجن، سي اخبار ۾

ڇپرايو. ”مان ڪبڙ خان ولد جمن خان پنهنجو نالو ڪبڙ خان مان بدلائي قدرت خان ٿو رکان“ منهنجي گهرن وارن ، اوڙي پاڙي ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن جي سڌ لاءِ پڌرو ٿو ڪيان تہ آئينده مون قدرت خان جي نالي سان سڏيو وڃي ۽ جي مون کي ڪنهن ڪبڙ خان سڏيو اهو پنهنجي اسپتال جي خرچ جو پاڻ ذميوار هو ندو؟ بقلم خود ڪبڙ خان اڳوڻو ۽ قدرت خان هاڻوڪو.

پيو اشتهار هن ريت ڏجو تہ: ”مان مرحوم جمن خان ولد پهڻ خان پنهنجي نالائق پٽ ڪبڙ خان پراڻي ۽ قدرت خان هاڻوڪي جي پر زور اسرار تي مان پنهنجو نالو جمن خان مان بدلائي جلال خان ٿو رکان. مون کي هاڻي ملائڪ ۽ انسان هاڻي جلال خان نالي سان سڏين. هي نالو ملائڪ ۽ انسانن وٽ ريڪارڊ ۾ رهي“. بمقام منڪر نڪير پاران جمن خان پراڻو ۽ هاڻوڪو جلال خان.

هاڻي توهان جو پاسپورٽ تيار ٿي وي توهان جو ۽ توهان جي پيءُ جو نالو بہ متجي ويو. هاڻي دبئي هلو تہ هلون، پر پهرين ايجنٽ جي ڏوڪڙن جو بندوبست ڪريون. توهان شادي وارا آهيو تہ پهرين فرصت ۾ زال جا زيور وڪڻو جي پورٽ نہ ٿئي تہ زال کي طلاق ڏيو ۽ زال کان حق مهر وٺو. حيران ٿيڻ جي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي، اڳيون وقت لنگهي ويو، جن زالن کي حق مهر ڏبو هو، هاڻي وٺبو آهي، ويچاري توهان مان آخر جند ڇڏائڻ لا پيسا ضرور ڏئي جند ڇڏائيندي. هاڻي سيٺ کان موڪلائي دبئي لاءِ ڪراچي مان لانچ تي چڙهو جڏهن آڌي رات لانچ وارو توهان کي دوبئي لاهي ۽ صبح جو سج جي روشني ۾ اهو گوادر يارڪارادر نڪري تہ پريشان نہ ٿجو. توهان اڳيئي بہ ٽي هزار جيڪي خرچ لا بچايا هئا، سي پاسيرا ڪري رکو ۽ چار پنج مهينا انهيءَ شهر ۾ ڌڪا کائو. پوءِ هڪ عدد ٽيپ رڪارڊر، بہ ٽي انگريزي ڳانن جون ڪيسٽون، سيڪنڊ هئنڊ نون موافق ولائتي ڪپڙا وٺي هڪ نئين بئگ ۾ وجهي واپس ڳوٺ وري اچو. دوبئي متعلق ٿوري گهڻي معلومات ڳوٺ اچڻ کان پهرين ضرور حاصل ڪجو باقي ٻتاڪ سان ڪم هلي ويندو. گهرپهچي چئبو تہ توهان کي پنجن هزارن وراري نوڪري آهي ۽ توهان ڇهن ميهينن جي موڪل تي آيا آهيو، پوءِ هاڻي توهان قدرت جو ڪرشمو ڏسجو تہ ڪيئن نہ قطار در قطار توهان لاءِ مائٽيون ٿيون اچن. پر ترسو تڪڙ نہ ڪيو ڇو جو تڪڙ ڪم شيطان جو هوندو آهي. توهان سوچي سمجهي هڪ اهڙي ڪنوار جو انتخاب ڪيوجيڪا سهڻي هجي، شريف گهراڻي جي هجي گهڻو ڏاج آڻي ۾ نوڪري بہ ڪندي هجي. توهان آرام سان شادي ڪري زال جي ڪمائي تي عيش ڪيو ويچاري شريف گهراڻي جي آهي، سو جند ڪونہ ڇڏائيندي باقي سڄي عمر پئي لوڙيندي

اڄوڪو سبق ختم ٿيو، پڙهائي جي پڙهائي گهمڻ جو گهمڻ ۽ ان سان روشن مستقبل. توهان ڪي دنيا اڀوجهہ سمجهي دوکو بہ نہ ڪندا، بلڪہ توهان دنيا ڪي بيوقوف ٺاهي ڇڏي.

اديون رسالو
1982ع

(07)

هڪڙو لفظ آهي ڪرنٽ افيئر يا حالات حاضره سو مان اڄ ڪي گُشا حالات حاضره ماضي ۾ مستقبل جا ٻڌائيندس ، هڪ ڇوڪريءَ جي شادي پئي ٿئي، سو ڇوڪريءَ ڪي ماميءَ سمجهائيندي چيو تہ: ”هي ڪجان هي نہ ڪجان“ ڇوڪريءَ چيو تہ: ”ها ماسي، پر ماسي جڏهن اوهان جي شادي ٿي هئي تڏهن توهان بہ ماسڙ کي ائين چيو هو؟“ ها امان، مون چيومانس تہ تون رڇن جي ٻچ ۾ ڪتا وڙهائڻ ڇڏي ڏي، ٻنيءَ تي بہ منهنجي اجازت ڪانسواءِ نہ وڃجان، رات دوستن سان ڪيڏڻ بند ۾ ڪراچي بہ گهمڻ مون ڪانسواءِ نہ ويندين.“ پوءِ ماسي پلا ماسڙ اهو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو؟ الاجي امان، مون تہ وڏيري کي 25 سالن ڪان ڪو نہ ڏٺو آهي. سو مان بہ هڪڙو مشورو ڏيڻ چاهيان ٿي اهو بہ ڪرڪيٽ جو عمران خان ٿئي، تہ ابا اسلام ۾ چار شاديون تہ هونئن بہ جائزآهن. سو تون بہ ڪٽي چار شاديون ڪر، هڪ والدين جي مرضيءَ تي، هڪ پنهنجي مرضيءَ تي، ۽ جيئن تہ توهان تي عوام جو بہ حق آهي، سو بہ فلم ايڪٽريسيون پارٽ جون بہ پاڪستان جو ڪٽي. ان تي ڪٽي عوام هن راءِ شماري ڪراءِ. ماڻهن جو اليڪشن جو شوق بہ پورو ٿي پوندو. هڪ آخري شادي پريس جي مرضيءَ سان بہ ڪر ۽ پوءِ گولي ٿي گم ٿي وڃ. ائين جو وڏيرو ڳوليو نہ لڀي پريس ڪي. هن صديءَ جي سياڻن جو چوڻ آهي تہ پوليس جي نہ دوستي سٺي ۽ نہ ئي دشمني. دوستي ۾ ماڻهون جاويد مياندادڏ ٿيو وڃي ۽ دشمنيءَ ۾ عمران خان مشوري تي ياد آيو تہ مشورو ڪي ماڻهون فيءَڪانسواءِ ڪو نہ ڏيندا آهن. اهي وڪيل هوندا آهن، پر مان تہ ان ماڻهون تي آهيان تہ هڪ ماڻهون ٻئي ڪي مشورو پئي ڏنو. اتي ٻڌايان جيئن توهان مشورو وٺڻ هن مهل احتياط ڪيو هڪ غريب ڪي ٻہ زالون هيون سي اڇي رات جو مانيءَ تان پاڻ ۾ وڙهيون ٻئي مڙس سان وڙهيون ۽ مڙس کي ماري ڪتي گهر ڪان ڪڍي ڇڏييائون. ويچارو گهٽيءَ ۾ ڦيرا پائڻ لڳو، ۽ هن ڪي جڏهن پاڙي واري ڏٺو تڏهن گهران نڪري اچي همدردي ڪيائين حال پڇائينس همراه بہ وينو هو تتو، سو، تہ چيائين تہ سائين منهنجي هڪ زال ڪڪڙ پچايو آهيءِ ٻئي پلو هاڻي مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان ڇا ڪانوان؟ سو هاڻي صلاح ڏي تہ ٻنهي زالن کي راضي بہ ڪيانءِ ماني بہ ڪانوان، پر پيٽ ۾ ڄاءِ بہ نہ اٿم ڇو جو اڄ آفيس ۾ پارٽي هئي. سو اتان بہ ڪائي آيو آهيان، ٻئي دل سڙندي چيو تہ واه ادا! تنهنجي لاءِ هتي هي حال آهي، منهنجي زال مونکي ڪنگهي بہ ڪانہ! ٻئي همراه جهٽ پٽ ڪٽي ٻي شادي ڪئي. هڪ دفعو ٻن زالن جي جهيڙي ۾ زالن ويچاري

ڪي آڏيءَ رات ماري ڪُتي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيو هو. پاڻ گهٽيءَ ۾ ڦيرا پائڻ لڳو، سندس پاڙي مان اڳيون ماڻهون گهران نڪري آيو ۽ چيائين ته سائين خبر ڏي؟ يار تون ته ايتري دير ڪئي هئين مان ته ڪلاڪ کان پيو توکي واجهايان در حقيقت هي آهي ته تنهنجي حال کي ڏسي منهنجو هي حال ٿيو آهي. توهان جو به ڪنهن گهٽيءَ مان لگهندي ڪنهن کي پريشان ڏسو ته اها گهٽي متائي ٻي پاسي هليا وڃجو.

زمانو ڏاڍو ترقي ڪري رهيو آهي. ايترو جو پاڙي واري جي ٽيجهي جي دعوت اسان اخبار ۾ پڙهندا آهيون. آمريڪا ۾ ڪرائيم ڪنٽرول ڪرڻ تي هڪ ڪانفرس ٿي ان ۾ پاڪستان جي پوليس جو وفد شريڪ هو. اتي مختلف ملڪن جي نمائندن ٻڌايو ته ڏوهه ڪرڻ ڪانپوءِ اسان ڪيتري رفتار سان ان جرم جي کي ڳولي ڪيڍندا آهيون. ڪن 23 ڪلان ته ڪن ڇئن ڪلاڪن جو ٻڌايو. اتي اسان جي پوليس آفيسر فخر سان ٻڌايو ته اسان جي بروقت رفتاري جو اهو عالم آهي جو اسان کي اڳواٽ خبر هوندي آهي ته ڪٿي ڌاڙو لڳي پيو ۽ ڪٿي ماڻهون قتل ٿئي پيو. ڪجهه سال اڳ حيدرآباد ۾ هنري نمائش لڳي هئي ان ۾ پوليس جو اسٽال هيو.سو مونکي صنعت ۾ پوليس جو ائين گڏجڻ تڏهن سمجهه ۾ نه آيو پر هاڻي سمجهان ٿي ته صنعت ۾ پوليس ڇو هڪ ٻئي لاءِ لازم و ملزم آهي اتي هڪ انسپيڪٽر مونکي پوليس جو مطلب به سمجهايوهو. مان ته اصل کان به بي عقل آهيان سو شايد توهان سمجهو. ته پ پرهيزگار (پوليس آفيسر اهو ته قيامت ۾ به نه هوندو. وفادار (ٿي سگهي ٿو زال جو وفادار هجي يڪجهتي وارو (خاص ڪري پريڊ دوارن يا وڳوڙين کي بچائڻ دوارن اهو مظاهرو نظر ايندو آهي.) ل=لائق، س = سلامتي وارو (پوليس وارن جا سر ته قيامت تائين سلامت رهندا باقي ٻين جو حال الله کي خبر يا لاڪپ کي خبر هوندي) توهان خود ٻڌايو ته اهي سڀئي ڪوڙا لڳن ٿا يا نه؟ مان ته لکڻ به هيٺ متي ڪري ويئي آهيان نهايت ادب سان! مون اخبار پڙهي ته رات جو ڪنهن گهر ۾ چور چوري ڪرڻ آيا سو ٻاڄيا جاڳي پيا وٺي ڀڳا هڪ پنهنجي پوليس جي ٽوپي به تڪڙ ۾ ڇڏي ويو. مون ان مهل ريڊيو به پيو ٻڌو ته لتا پئي پوليس لاءِ ڳايو ته:

”چھلا یار تو کیسا دلدار نکلا
چور سمجھی تھی میں تھانیدار نکلا“

اپريل 1983 ع

# (08)

سيڪنڊ هئنڊ ڪمپليٽ سوٽ ۽ هٿ ۾ پائيپ ۽ ٻئي هٿ ۾ لڪڻ ، مغز تي انگريز ڇاپ قسم جي ٽوپي، رڪيل، اها عجيب ۽ غريب شيءِ اڄ کان ڏهہ يا پندرهن سال اڳي جي هئي جنهن کي اسان لنڊن پلٽ چوندا هئاسين، سندن وچڻ جو ڪارڻ ڪهڙو؟ يا هو واقعي لنڊن مان ٿي آيو آهي بہ يا نہ؟ اهي سبب خدا کي معلوم باقي اهو خانبهادر ماڻهن جي معلومات ۾ اضافو ڪندو هو تہ مثلن لنڊن ۾ ٻچو ٻچو انگريزي ڳالهائي ٿو ! هوٽل ۾ وڃو تہ ٻڪر مشين ۾ وجهو تہ ٻئي پاسي ڪباب نڪري ايندا ۽ وري جي ڪباب وجهو تہ ٻئي پاسي ساڳيو ٻڪر موٽي ملندو. ان ڪانسواءِ سائين لنڊن ۾ حسن جي ڇا ڳالهہ ڪجي بس بهشت لڳو پيو آهي. هر گهٽيءَ ، هر روڊ ۽ هر گهر ۾ سهڻيون زائفون آهن، اتي وڃي احساس ٿئي ٿو تہ مائٽن اسان جي شادي جنڊين سان ڪرائي آهي ۽ اهڙي قسم جون پيون ٻٽاڪون پيون هڻندو.

اڄ ڪالهہ لنڊن يا آمريڪا وڃڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. توهان کي خبر نہ آهي اسان جو وڏو پاڙيسري آمريڪا آهي سو من ۾ جهاتي پائي سچل وانگر ديدار ڪري سگهجي ٿو. پر مان ڳالهہ ڪندس ڪارن انگريزن جي، جيڪي اسان جي ملڪ جا پوتار لنڊن يا آمريڪا وڃي واپس ايندا آهن انهن جا گهر عبرتناڪ ٿي ويندا آهن بلڪ اهي بندا پاڻ عبرتناڪ هوندا آهن. سندن من ۾ لنڊن جي هوا پئي هلندي آهي پاڻ کي لنڊن جا ڪمشنر سڏرائيندا آهن. ماڻهن کي شايد خبر نہ هجي تہ لنڊن ۾ ڪمشنر پٽيوالي کي چئبو آهي ۽ ڪمشنر کي ڇا چئبو آهي اها تہ انگريزن کي خبر، پر جيڪي پوتار لنڊن مان واپس موٽي پنهنجي زبان ڇڏي اڌوگابري انگريزي ڳالهائيندا آهن اهي پنهنجن مائٽن لاءِ ڏاڍا هاڃيڪار ثابت ٿيندا آهن.

اڄ کان پنج سال اڳي جي ڳالهہ آهي تہ هڪ وڏي آفيسر جي گهر ۾ دعوت هئي اتي هڪ وڏي گهراڻي سان ملاقات ٿي. هي گهراڻو انهن ٻاويهن مان هڪ هو جنهن جو ذڪر اسان وٽ هلي پيو، سندن بدن تي ٻن ٽن لکن جو تہ لباس ۽ زيور هئا، پر اهي ٻہ ٽي لک بہ ضايع پئي مون کي لڳا ڇو جو اهي لک ڪک پئي لڳا. مون کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ اهي لک ڇو ڏکين پيا. هٿ ۾ سگريٽ ولائتي ۽ ڳالهائين بہ ولائتي. مغز تي مينار ۽ منهن تي مينا بازار پر ان مينا بازار لنڊن واريءَ ميڪ اپ جي تهن مان سندن چمڙي جي بي رونقي نظر پئي آئي. هي مايون لنڊن، نيو يارڪ ۽ پيرس وغيره پئي گهمي آيون هيون.

منهنجي پرسان ويٺل ساهيڙي اهي ڳالهيون ٻڌي چيو تہ هل پاڻ بہ آمريڪا هلون. مون چيو مانس تہ نهيوبس ڪر ڪاڏي منهن منور جو ءِ ڪاڏي ٽنبوالهيار. انهن ماين جي اکين ۾ رونق ڪا نہ هئي، ڳالهائڻ ۾ جوش ءِ زندهہ دلي ڪانہ هئي، سندن مرڪ ۾ زندگي ڪانہ هئي، انهن اهو احساس ڪيو جو اڌ ڪلاڪ ويهي اسان جو مغز خراب ڪريو ويون پر اها خبر پئي تہ ڪٿي ڪک بہ انگ ڍڪي ٿو ءِ ڪٿي لک بہ عيب ڍڪي ٿو.

ريڊيو، ٽي وي، وي سي آر گهر ۾ اڄڪلهہ عام آهن پر اسان انسانن پنهنجن ايجادن جو صحيح استعمال نہ ڪيو آهي. ريڊيو تي اڪثر گندا گانا ايندا آهن جيڪي ٻار رستن ءِ گهٽين ۾ پيا ڳائيندا آهن. ڪو زمانو هو شايد اڄ کان ڏهہ سال کن اڳ تہ هڪ فلم لڳي هئي جنهن ۾ هڪ هيرو ڊرائيور هوندو آهي ءِ مالڪ جي ڌيءَ سان عشق ڪندو آهي. مونکي چڱي طرح ياد آهي تہ ان وقت گهڻن ماڻهن پنهنجا نوجوان ڊرائيور ڪڍي ڇڏيا هئا هاڻي تازو سلسلہ ڊرامو هلي بس ٿيو آهي. ان ۾ هڪ ڇوڪري پنهنجي ماءُ جي شادي ڪرائڻ جي چڪر ۾ هوندي آهي ڇو جو پاڻ شادي ڪري ويندي تہ ماڻس جيڪا نوجواني ۾ بيوه ٿي وئي هئي سا اڪيلي رهجي ويندي سو ان ڪري ڊرامي جي خيال تہ تمام سٺو هو پر هڪ واقعو ان ڊرامي دوران سنڌ يونيورسٽي ۾ ٿيو. هڪ ڇوڪري ٻي ساهيڙي کي چوڻ لڳي تہ مان بہ پنهنجي ماءُ جي شادي ڪرائيندس نہ تہ منهنجي شاديءَ ڪانپوءِ امان اڪيلي رهجي ويندي. ان تي سندس ساهيڙيءَ مذاق ۾ چيو تہ ڪهڙي پروفيسر سان؟ اتي پوءِ ڳنڍجي ويون. مس ڪر ٻنهي کي ٻين ڇوڪرين پري ڪيو. اسان تاج پور پڪنڪ تي ويا هئاسين تہ جڏهن اتان واپس اچڻ لڳاسين تہ ننڍا ننڍا ڇوڪرا جن مان ڪنهنجي عمر ڏهن سالن کان مٿي نہ هئي اهي سپ گول دائري ۾ ويهي ڳائڻ لڳا "چلو ڏي نشاني تنهنجي مهرباني" ( جزاڪ الله). ائين اسان لائيٽ جو بي جاءِ استعمال ٿا ڪريون، اسين رات جو هرويرو جاڳي پنهنجي صحت برباد ٿا ڪريون حالانڪ رات آرام ڪرڻ لاءِ آهي پر اسان بنا مقصد جي پيا رات جو جاڳندا آهيون.

اهڙي طرح پيون نيو نيون ايجادون جيڪي اسان انسانن هڪ ٻئي جي بهتري لاءِ ڪيون آهن سي بہ اسان انسان هڪ ٻئي کي ذهني يا جسماني طو ختم ڪرڻ لاءِ استعمال ٿا ڪريو ن.

اديون رسالو

جولاءِ 1983ع

(09)

اج ڪالھ ماٺيليون مائرون پنهنجن اڳ ڄاون پٽن کي هي دعائون پيو ڏين تہ ”ابا توکي پوليس تان صدقو ڪيان“ ڇو جو ھڪ ڀيري تي پوليس تان خدا جا بندا صدقي ٿي نڪتا آهن. خدا جا بندا تہ پوليس وارا بہ آهن سو تہ اسان جو خيال آهي.باقي پوليس پاڻ کي ڇاٿي سمجهي؟ اها تہ سوچڻ جي بہ اسان ۾ مجال نہ آهي. قلم قهار بہ آهي، اگر پوليس وارن جي هٿ ۾ هجي، پر توهان کي خبر آهي تہ پوليس قلم جو استعمال بہ گهٽ ڪندي آهي. بلڪہ قلم کي بہ ڏنڊو سمجهي هلائيندي آهي. ان ڪري اسان وٽ پولسي وارا ايف آئي آر بہ اڪثر زباني ڪنداآهن، لکندا نہ آهن، متان ريڪارڊ خراب ٿئي. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ اج ڪالھ فوج اڪثر چوٿين پنجين سال ڪانپوءِ مڙئي انهن سالن لاءِ مهمان هوندي آهي. اسان پاڪستاني ماڻهون هونئن بہ تمام گهڻا مهمان نواز هوندا آهيون سو اسان لاءِ مهمان باعث رحمت هوندا آهن. اج ڪالھ مان ٽي وي تي مختلف فوجي آفيسرن کي غور سان ڏسندي آهيان تہ آئيندي اسان جو هنن مان ڪير ڇاٿوٿئي. منهنجون بہ ٽي ساهيڙيون تہ سهڻا فوجي ٽي وي تي ڳولي  پسند ڪن پيون نہ هي وزير ٿيندو يا هي  سفير ٿيندو بس ڇريون ڇوڪريون ڇَم جون.

منهنجي ننڍي ڀيڻ ٽي وي غور سان ڏسندي آهي سو سندس موڊ اج سٺو نہ آهي. در حقيقت ٽي وي تي ڪ گلوڪارره اڇي ٿي سا ڪيس بہ ۾ سندس پين ساهيڙين کي ڪا نہ ٿي وڻي.سو هن مونکي چيو آهي تہ هن ڪنواري گلوڪاره سو ڪو اهڙو ماڻهون شادي ڪري جو فن جو ويري هجي ۽ ڪوٺن وارو بہ هجي تہ سبحان الله بند رکيس! درخواست اديون جي معرفت ٿي سگهي ٿي ڇو جو مائيءَ جو نالو في الحال راز ۾ آهي.شاديءَ جي باقاعده درخواست ۾ پڪ جي صورت ۾ اهو نالو صرف ڀن اميدوارن کي ٻڌائي سگهجي ٿو. پر ترسو هڪ عدد گلوڪار بہ آهي، سو اهو ڪنهن زميندار جو ڪمدار بہ ٿي سگهي ٿو، ان ۾ زميندار کي  فائدو بہ آهي. ڇوجو اسان گنهگار بندا آهيون سو جڏهن دعا ڪندا آهيون تہ الله ڪري مينهن پوي تہ ڪونہ پوندو آهي سو هي مستند ڪلاسيڪل گلوڪاره ميگھ ملهار ڳائيندو تہ مينهن وسي پوندو. اج ڪالھ ٽيوب ويل بہ لائيٽ تي هلي جيڪڏهن زميندار رشوت نہ ڏئي تہ لائيٽ ڪٿان اچي ۽ ٽيوب ويل ڪيئن هلي؟ سو هي گلوڪار راڳ ديپڪ ڳائيندو تہ لائيٽ

اڇي ويندي، يا وري پير واري دشمن زميندار جي ڪٽڪ جي ڪرن ڪي باھہ ڏياري ٿا سگهون، بنا ڪنهن ٽيوب ويل جي، خرچ بہ گهٽو نہ ۽ نہ ئي پوليس جي خوشامد،رڳو گلوڪار جي پگهار پيرٽي پوندي. سو اسان جي اهڙي طرح هن پاڻيءَ مان بہ جند ڇٽي ويندي!!

اڄ ڪلهہ چادر ۽ چار ديواريءَ جو ذڪر ڏاڍو آهي! سياستدان سڀ چار ديواريءَ ۾ آهن. مايون برقعا لاهي چادرون پائي ٻاهر نڪري آيون آهن! رهيا سرڪاري نوڪر، سي تہ سرڪاري آهن،باقي رهيل اجرڪ پائي، ڏاڙيل ٿي پيا آهن! پين جي چوديواري جو شل خير هجي، پر اڄ ڪلهہ تہ ڏاڙيلن ڪان پوليس جي چوديواري محفوظ نہ آهي. پوليس وارا يا سپاهي گشت ڪندا هئا سي ٿاڻن جي حفاظت ٿا ڪن ۽ حملي جي صورت ۾ گهرن ۾ لڪل هوندا آهن.

انگريزي فلمن جا ترجما تہ وري ايترا خوفناڪ هونداآهن. جو اسان پاران پڙهيل ترجمو پڙهي سئنيما ۾ گهٽ ويندا آهيون، ۽ اسڪرين تي وري بمن ۽ بندوقن جا ٺڪاءَ يا خوفناڪ بلائون ڏسي گهبرائجي نڪري ايندا آهيون. 1970 ع جو واقعو آهي تہ منهنجو ڀاڻيجو مونکي هاسٽل مان وٺڻ آيو ۽ گهر جي بجاءِ مونکي انگريزي فلم گولڊ فيس ڏيکارڻ ويو. ان ڏينهن خميس هئي جو حيدرآباد جي سئنيما شام جو گولڊ فيس جو پوسٽراجان لٿو ڪونہ هوتہ نئي انگريزي فلم satanik سيٽنڪ لڳي وئي. سو اسان بہ اها ڏٺي. فلم ڏسي غور سان پوسٽر پڙهي ستين بجي گهر روانا ٿياسين. ادي وڏي بہ پريشان تہ اسين ڪٿي غائب آهيون. مون چيومانس تہ ادي اسان فلم پئي ڏٺي ادي چيو: اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ فلم تہ سڀ گڏجي ڏسي سگهوٽا. مون چيو ادي هيءَ فلم توهان جي ڪم جي ڪا نہ هئي، رڳو منهنجي ڏسڻ جي هئي. اديءَ ڪي ڏاڍو تجسس ٿيوتہ اها ڪهڙي فلم هئي،اديءَ چيو نالو فلم جو ٻڌاءِ مون چيو انگريزي تہ سنو نالو اٿس مان جيڪو ترجمو پڙهي آئي آهيان سو اهو ترجمي وارو نالو ٻڌايان ٿي مون پنهنجي ڀاڻيجي ڏي اشارو ڪري چيو”*شيطان کی خالہ*“ اديءَ مون ڏانهن ڏٺو، چيائين: برابر تنهنجو شيطان ڀاڻيجو ۽ تون ان جي خالا هيءَ فلم برابر توهان ٻنهي جي ڏسڻ جي هئي.

جولاءِ 1984 ع

# (10)

اسان ننڍڙي هوندي جڏهن پرائمري ۾ پڙهندا هئاسين ته اسان کي ٻن قسمن جي استادن سان واسطو پيو. اسان جو ٻاراڻو ذهن انهن جي ڳالهين کي تڏهن ته سمجهي ڪونه سگهيو. مگر ياد ڪري اُهي ڳالهيون ۽ سندن مختلف قسمن جي هلت هاڻي سمجهه ۾ اچي ٿي. هڪڙا اهي هئا جيڪي اسان کي ٻڌائيندا هئا ته ڪن ملڪن ۾ بادشاهن کي سندن رعايا سجدو ڪندي آهي ۽ مسلمان نماز نه پڙهندا آهن ۽ نه ئي روزا رکن ۽ نه ئي عيد ملهائين. اهڙا ماستر وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي ٻارن کي ڏاڍي نفرت ۽ حقارت سان ڏسندا هئا. انهن جي پيٽ ۾ جيڪي غريب ڇوڪرا هئا، سي قابل احترام هئا هڪڙو ڇوڪرو غريب هو پر ڏاڍو هوشيار هو ۽ ڪڏهن گوهي ڪري گسائيندو هو. سو اسان جي اُن قسم جي استاد جي اُن تي خاص نظر هئي ۽ اهو اسان جو استاد ڏاڍو سخت هو . ڇوڪرن يا ٻارن جي ننڍي عمر هوندي اهڙي آهي جوگوهي ڪندا آهن يا وري ڪلاس ۾ ڪانه ڪا شيطاني ڪندا آهن سو اهڙين ڳالهين تي اسان کي هروڀرو سخت ٿيڻ نه کپي. پر اسان جي استاد اُن ڇوڪري کي به ٿي سخت مارون ڏنيون نتيجو اهو ٿيو جو ڇوڪرو اسڪول جي نالي ڪان به ڀڄڻ لڳو. اهڙي طرح خراب صحبت ۾ پئجي ويو. سندس تعليم به رهجي وئي. اڄ ڪلهه اهو ڇوڪرو چرس ۽ پيا نشا ڪري ٿو.۽ سندس پورت نه پئي ته گهر جا ٿپڙ چورائي وڪڻي ٿو، اگر اهو ذهين ڇوڪر پڙهي پوي ها ته اسان جي ملڪ جو هڪ اهم ستون ۽ انسان هجي ها. جيڪي ٻئي قسم جا استاد هئا، سي وري وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي ڇوڪرن جي خوشامند ڪندا هئا. چاهي پڙهن نه پڙهن پر پاس ٿيو وڃن. جيئن سندن مٺائي ۽ انعام کين ملندو رهي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو هو جو وڏيرن جا هوشيار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون به پڙهڻ ڇڏي ڏيندا هئا ڇو جو محنت ڪانسواءِ ننڍين ڪلاسن ۾ ته نڪري ويندا هئا. پر بورڊ جي امتحان ۾ جيئن ته اڳي ڪاپي ڪونه هئي سو پاس ڪونه ٿيندا هئا، نتيجو اهو نڪرندو هو جو مئٽرڪ جنهن ڪئي اها ان لاءِ وڏي ڳالهه هئي. پوءِ اهي وڃي ابي ڏاڏي جي ڏنڊي سان لڳندا هئا.

علم انسان جي ذهنيت کي متاثي ٿو، جيڪي بنا ڪنهن محنت جي ڪاپي ڪري ڇوڪرا خاص ڪري وڏيرن جا پڙهن ٿا ان جو ذهن تہ اهو ئي وڏيرڪو ٿو رهي. روشن خيالي تہ انهن کي ڇُهي ئي ڪونہ ٿي گُذري نڪو انهن کي بي- اي يا ايم اي جي ڊگري جو احساس ٿو ٿئي. پئسي جي زور تي آمريڪا ۽ لنڊن ۾ عياشيون بہ ڪن ٿا. پر اُهي آمريڪا يا لنڊن ڪنهن علمي يا تحقيقي مقصد سان تہ ڪونہ ٿا وڃن . پوءِ توهان سوچيو تہ انهن جي گهرن جو ماحول زماني سان ڪيئن مٺجي؟ سندن ڪوٺن ۾ جيڪي پيٽون مائرون ۽ زالون سي سندن ظلم مان ڪيئن نڪرن؟ ويتر ڪاپي ڪري بي اي ۽ ايم اي جي ڊگريون وٺي روشن خيالي رڳو ايسيتائين پهچي ٿي جو ڪنهن ماڊل گرل سان ٻئي سان ٻئي قسم جي ترنياڪ قسم جي عورتن سان شادي ڪن ٿا. سندن سيبتي سياٽي مائٽياٽي اڻ پڙهيل، ڪونہ ٿي وٽي. جيئين تہ سندن ڪو مائٽ يا چاڻ سڃاڻ وارو وزير آهي سو وڏي شهر ۾ رهٽو آهي، نوڪري وزير صاحب اُتي ڏني آهي سو هيءَ ڄڻي اتي ڇا ڪندي؟

اديون رسالو
ڊسمبر 1984ع

# (11)

ڪنهن زماني ۾ ٺٽي ۾ پڪنڪ تي هڪ ايراني ٽوورسٽ ڇوڪرين جي ميڙسان ملاقات ٿي هئي. اسان کي بہ شوق ٿيو تہ برادر ملڪ جون مايون آهن سو انهن سان خيالن جي ڏي وٺ ضروري آهي .سو اسان بہ تي ڇٽيون انهن سان ڳالهين لاءِ ويون سين. هنن اسان جيڪو ڳالهايو سو رقم ارَطر نٿو ڪري سگهجي. پڇاڙي ۾ هنن اسان جي مغز ڦيرائڻ ڪانپوءِ خاطر تواضع لاءِ پنهنجي ٿيلهي مان شيمپين جي بوتل ڪڍي، مون چيو تہ توهان مسلمان ناهيو ڇا؟ هنن جواب ۾ چيو ها اسان مسلمان آهيون. ۽ چيائون تہ توهان؟ مون چيو توهان کي ڏسي اسان کي پنهنجي مسلماني ۾ شڪ ٿي پيو آهي، اسان سادو پاڻي پيئندا آهيون جڏهن غيرت جاڳندي آهي تہ ڪوڪا ڪولا پيئندا آهيون پوءِ غافل ٿي سمهي رهندا آهيون.

هاسٽل رهڻ دوران بہ ڏاڍا دلچسپ تجربا ٿيا. هاسٽل ۾ جڏهن مان هئس تہ هندستان پاڪستان جي جنگ لڳل هئي. سو رات جو هر اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڇوڪريون مونکي ننڊ مان اٿاريندڻون هيون تہ سائرن پيو وڄي سوهل هلي لڪون. مان هزار دفعا منع ڪيان تہ مونکي نہ اٿاريو مان بم پروف آهيان. پر ڇوڪريون نہ مڃنديون هيون هڪ شرارتي ڇوڪريءَ اعلان شرارتي ڪيو تہ اڄ رات هتي هندستان جي ڇاتہ بردار فوج لهندي سو خبر اٿئو تہ فوج سڀ کان پهرين هاسٽل تي قبضو ڪندي آهي. ان رات هرهڪ ڇوڪريءَ سرون، پٿر ۽ لٺيون جمع ڪيون ۽ ورانڊي ۾ بليڪ آئوٽ ۾ اڪيون ڦاڙي فوج جو انتظار ڪنديون رهيون ۽ مان ڪمري ۾ سُک سان بہ ٿي ڏينهن سمهيس هڪ هاسٽل جي ڇوڪريءَ جي ڪزن صاحب لندن مان پي ايڇ ڊي ڪري آئي هئي سا هاسٽل ۾ پنهنجي ڪزن سان ملڻ آئي هئي. مونکي ان سان ملي پهريون دفعو خبر پئي تہ علم سنوارڻ ڪانپوءِ ڪنهن ڪنهن کي ڪاريندو بہ آهي. سمجهو تہ مائيءَ جو نالو شاهين آهي. گڏ انگريز ساهيڙي بہ هئي. خبر پئي تہ مائي شاهين پنهنجي سوٽ وڏيري کي ڏنل هئي جيڪو مون وانگر ايم اي سو هوءَ ان پاڏي سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿي. ان مهل بہ اسان سان ڳالهائيندي اسان جي تهذيب جو جنازو ڪڍي ان کي دفن تہ ڪري ڇڏيائين. سندس انگريزياٽي ساهيڙي اسان جي ٻوليءَ کان تنگ ٿي تہ پاڪستان مرد ڪيئن ٿيندا آهن؟ پوءِ تہ مائي کي وارو وري ويو.چيائين تہ تون پاڪستان ۾ تہ پيادل تہ هلي ڪونہ ٿي

سگھين، تنھنجي سامھون ھزارين مرد ازراہ ھمدردي گھٽ ۾ گھٽ ھزارين گاڏيون جھليون بيٺا ھوندا ۽ توکي سمجھہ ۾ نہ ايندو تہ تون ڪھڙيءَ گاڏيءَ ۾ چڙھين! ھر ڪو تولاءِ شيش محل ٺھرائڻ لاءِ تيار ھوندو ۽ توکي سمجھہ ۾ نہ ايندو تہ تون ڪنھنجي شيش محل ۾ رھين! ھوءَ ويچاري تہ گھبرائجي خاموش ٿي وئي ۽ اھا ڳالھہ ان جي سمجھہ ۾ آئي يا نہ. بھرحال مائي انگريزياڻي کي خبر پئي تہ پاڪستان مرد عورت جي معاملي ۾ انتھائي رحمدل آھي. خاص ڪري اگر عورت سھڻي ۽ اڇي چمڙيءَ واري ھجي تہ! مائيءَ پي ايڇ ڊيءَ پيون بہ ڪارائتيون ڳالھيون ٻڌايون . مثال طور: دنيا جي ھر مرد جو ڪردار مشڪوڪ آھي. دنيا۾ ڪو بہ شريف مرد ئي ڪو نہ آھي اگر آھي تہ ان کي سندس وٽ وٺي ويجونس تہ ھوءَ ڪيس بندوق پيري ھٽي. اھڙي شريف انسان جو ھن دنيا ۾ رھڻ ٺيڪ بہ نہ آھي! حضرت آدم بہ بھشت مان ان لاءِ نڪتو تہ اتي روز بيبي حوا سان گذارو ڪرڻو ھوس باقي رھيون حورن جو معاملو تہ :-

*ایسی جنت کو لے کر کیا کرے کوئی،*

*جہاں ہزاروں برس کی حوریں ہوں-*

پوءِ مائي موڪلايو تہ اسان ڇوڪرين پي ايڇ ڊيءَ جي ڊگري کي اردو ۾ ترجمو ڪيو "*پھراہوادماغ*" وري ساڻس ملاقات ڪا نہ ٿي . سو خبر نہ آھي تہ پاڏي ڪانپوءِ ڪيس حسب حال ڪو ۾ڪر مليو يا نہ. بھرحال دنيا ۾ قسمين قسمين جا ماڻھون آھن. مان ميڊيڪل ۾ ھئس تہ ھڪ ڇوڪري جيڪا شادي واري ھئي سا ويٺي ھئي ( مونکان جونيئر ھئي) واندي، مون اشاري سان پڇيو خير؟ "مردو چيرڻ لاءِ ڪو نہ آھي." سو اھو ڪٽڻ ويا آھن. ڪاوڙجي چيائين ادا پٽوري وڃي مون واري "فنڪار" کي ڪٽي اچن تہ مان ان کي جيئرو چيريان. ھونئن بہ مونکي مھيني کان ڦنڪار خط ڪونہ لکيو آھي لئہ ڪندو ھوندو. پاڻ وري ٿوري دير ڪانپوءِ مونکي ڪن ۾ چيائين تہ: "ادي مان فرسٽ پرفيشنل ۾ ٻن جي بجاءِ ڏھن سالن لاءِ جيڪر رھان اگر مون کي دنيا جي فنڪارن جي ڊائسيڪشن ڪرڻ ڏنو وڃي." مون چيو تہ اھو ممڪن ڪو نہ آھي صبر ڪر، ملان چون ٿا تہ قيامت کان اڳ ويجھڙائي ۾ دنيا تي عورتن جي حڪومت ھوندي سو ٿي سگھي ٿو ان ۾ تنھنجي بہ ڪا سڌ پوري يا ڪڙڌھتي ڦنڪارن جو قدر ڪري، تڏو ساھ پيري ڪاوڙ ۾ چيائين تہ مان تہ ڪونہ ھوندس نہ! اسان وٽ ڪاليج ۾ اڪثر وزير ۽ پيا مختلف وفد ايندا ھئا. اڪثر مونکي اشارا ڪري ٻڌائيندي ھئي تہ فلاڻو ڦنڪار ( شادي شده) آھي ھڪڙو وزير اسان وٽ آيو سو آھستي پيو ڳالھائي، سو مون کي چيائين تہ ادي ھي وڏو فنڪار آھي. ھي ھيترين عورتن جي سامھون مڻ

مِڻ ڪري پيو ڳالهائي ۽ ڪڙ ڪڙ ڪري جوءِ آڏو ڳالهائيندو هوندو! بلڪہ گهر مٿي تي کڻندو هوندو!! اهڙا ماڻهون وڏا ڦنڪار هونداآهن!!! اهڙي طرح منهنجي اها پيڻ منهنجي ناقص معلومات ۾ اضافو ڪندي هئي.

اسان جي معاشرتي ڍانچي ۾ اوليت مرد کي آهي ۽ اهو ساڳيو لقاءُ ترقي يافتہ قومن ۾ بہ آهي. پر اسان وٽ عورت شاديءَ کان اڳ يا پوءِ مرد تي مڪمل طور دارو مدار ٿي رکي. ان جو فائدو کي مرد حضرات بہ خوب وٺندا آهن. اگر ڪنهن عورت کان جند ڇڏائڻي هجين (جن ۾ زال-پيڻ ۽ ڪن ۾ ماءُ بہ) تہ ان جو اول تہ خرچ بند ڪندا آهن (اگر اها پاڻ ڪٿي سروس ڪندڙ نہ هجي) يا وري ڪيس ذهني اذيت رسائڻ شروع ڪندآهن. انهن مختلف سببن ڪان هرڪو واقف بہ هوندو آهي! ڪاليج ۾ پڙهندي خاص ڪري ميڊيڪل سائنس پڙهندي هر ڇوڪريءَ جي تمنا هوندي آهي تہ اها ڊاڪٽر ٿئي. سو اسان گڏ پڙهندي مون واري هڪ ساهيڙي انٽر سائنس پڙهندي ڊاڪٽر جي حسرت دل ۾ کڻي سعودي عرب ڏانهن شادي ڪري وئي. اڇتو 1974ع ۾ مون وري ڪيس ڏٺوتہ ميڊيڪل ڪاليج جي پهرين سال ۾ هئي! حال احوال ٻڌايائين تہ مون حج جي دوران حرم شريف ۾ پيهر پڙهائي هي دعا گهري هئي. سو خدا ائين جو منهنجي مڙس جو اوچتو پروگرام پاڪستان اچڻ ٿيو تہ هاڻي گهڻو ڪمايم هاڻي هلي ڪو ڌنڌو ڪجي. هتي اوڪاڙہ ايئرپورٽ جو ٺيڪو ورتائين، اتفاق سان سندس ڪار جو حادثو ٿيو جنهن ۾ سندس ٻئي ٽنگون ڀڄي پيون. ٺيڪي ۾ پيسو حصہ دار سپ ڪائي ويو، سو مختلف نوڪريون ڪري ۽ زيور وڪڻي مڙس جو علاج ڪرايم، هاڻين مڙس هلي گهمي ٿو ۽فيملي پلاننگ ۾ 400 روپيہ ماهوار تي ڪلارڪ آهي ۽ مون ڪوشش ڪئي تہ مونکي ميڊيڪل ۾ داخلا ملي بهرحال اڄ ڪالهہ هوءَ ڊاڪٽر آهي ۽ حڪومت فيملي پلاننگ جو محڪمو بند ڪري ڇڏيو، سو سندس مڙس جي اها نوڪري بہ وئي، هاڻي ان جي زندگي جو هڪ مسئلو ڏاڍو وڏو ٿي بيٺو آهي، اهو هي تہ سندس مڙس ڪابہ نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي سڄو ڏينهن گهر ۾ هوندو آهي، ڏهين بجي اٿي پوءِ ڪپڙا بہ نہ بدلائي باقي گهر جي ڇنڊ ڦوڪ ڪيون ويٺو آهي. سندس اولاد بہ وڏو ٿيندو وڃي ۽ اهي پيءُ کي ائين گهر ۾ بيڪار ڏسي حيران آهن. اڪثر ماءُ کي چون ٿا تہ بابا نوڪري ڇو ڪو نہ ٿو ڪري؟ سندس دل ۾ پيءُ جو احترام بہ ڏينهون ڏينهن نڪرندو ٿو وڃي. بس سندس مڙس رڳو زال جي پگهار جا پرائيويٽ ڪلينڪ جا پيسا پيو ڳڻيندو آهي. ٻارن جي دل ۾ پيءُ جي عزت گهٽ ٿيندي پئي وڃي.

ڇوڪرين کي يا نياڻين کي تعليم ڏيارڻ جو وڏو مقصد اڄ ڪالهه والدين وٽ اهو آهي ته سندن مستقبل محفوظ رهي. آئيءَ ويل ڪا نوڪري ڪري عزت سان پنهنجو پيٽ پالي سگهن. اڳي نياڻين کي شادي ڪرائي ڪنهن سٺي انسان حوالي ڪبو هو ته سندس مستقبل هاڻي محفوظ ٿيو ويو آهي. اڄ ڪالهه ائين نه آهي اڄ ڪالهه عورت رڳو مرد جي حوالي محفوظ نه آهي. ڇوجو توهان ڪوڙ اهڙا واقعا ڏنا ۽ ٻڌا هوندا مرد عام طور زال کي مختلف طريقن سان تنگ ڪندو آهي. اگر اهو رڳو پاڻ ڪمائيندڙ هجي ته سڀ ڪان پهرين زال کي خرچ ڏيڻ بند ڪندو آهي. سندس زال جا مائٽ ۽ پيائر اگر ان حيثيت ۾ هوندا آهن ته پيٽ يا نياڻي جا خرچ به ڪٽندا آهن. پر ضروري نه آهي ته شادي ڪانپوءِ هر ڪو پيءُ پيٽ جي خرچ جي چٽي پري. ان صورت ۾ ڇوڪري پڙهيل آهي ته ڪٿي نه ڪٿي نوڪري ڪري پاڻ پالڻ جهڙي ٿئي ٿي. رڳو اهو نه آهي پر مردن کي شاديءَ ڪانپوءِ طلاق ڏيڻ به سولي ڳالهه آهي. ٻار ته ٻئي زال به جڻي ڏيندي يا وري ان ماءُ کي ذهني اذيت ڏيڻ لاءِ ٻار به ڦريندا آهن يا ڪورٽن جاچڪر لڳرائيندا آهن. سو ڳالهه پئي ڪيم ته اڳتي نياڻي پرٽائي ڏني معنيٰ سندس زندگي محفوظ ٿي، پر اڄ ڪالهه ائين نه آهي ۽ مون واري ساهيڙيءَ جو سلسلو به ٿيو پوي. اسان جي هن مرد معاشري ۾ عورت ٻاهه ۾ پاٽيءَ تي اجهو اڏي پوءِ ائين پئي هلي ٿي! اسان جي ڄاڻ سڃاڻ ۾ هڪڙو خاندان به آهي، جنهن ۾ پيءُ کي اولاد صفا ڪو نه ليکي. ڇو جو جوانيءَ ۾ سندس والد نشا پتا ۽ عياشي ڪئي.ايتري قدر جو ٻنيون به سندس زال سنڀاليندي هئي، هاڻين اهي نشا لتا آهن ته اولاد ليکي ڪونه ويچاري کي! ڳالهائڻ لاءِ به ڪير نه هوندو اٿس! مان اڪثر انهن وٽ ويندي آهيان، سو، مان وڃان ته ويچارو پيءُ آهستي چوندو آهي ته امان چڱو جو تون آئينءَ، هاڻي تنهنجي صدقي ۾ چانهه جو ڪوپ ته ملندو. ويچاري کي ايتري هجت نه آهي، جو ٽائيم ڪانسواءِ چانهه جي گهر ڪري. مان ته پيءُ سان ڳالهائيندي به آهيان ۽ سوچيندي آهيان ته جتي مرد ڪم نه ڪري اتي ان جو اهڙو حال آهي. گذريل سال سندس والده گذاري ويئي آهي. ان جي جاءِ تي سندس زال ٺوري ڪاوڙ ڪندي آهي ته ائين لڳندو آهي ڄڻ گهر ۾ راڪاس گهمي ويو آهي. اولاد ماءُ ڪان تمام گهڻو ڊڄي ۽ ماءُ جو ادب به ڪري. حالانڪ ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جو ادب لازمي آهي پر ڪنهن حالتن ۾ اهڙا گهر به جهنم ٿي پوندا آهن جتي مرد گهر جو سنڀاليندڙ نه آهي. يا وري پنهنجي عياشين ۾ زندگي گذاري ٿو ۽ گهر ۽ اولاد ڪان لاپرواه اهي مان پنهنجي

ساهيڙيءَ لاءِ تہ دعا ڪندي آهيان تہ سندس مڙس کي خدا نيڪ هدايت ڏئي. عورت رُڪي سُڪيءَ ۾ بہ اُتي خوش هوندي آهي، جتي ڪيس سچو ساٿي ملي!

مارچ 1985ع

# (12)

دنيا ۾ هٽلر جي ظلم جو عام مثال ڏنو ويندو آهي تہ جيڪي هن اذيت خانا قائم ڪيا هئا تن مان نڪرڻ بہ ڏکيو هو ۽ لوڙڻ بہ ڏکيو هو. پر سنڌ جي مسلمانن ۾، خاص ڪري اسان جي ملڪ ۾ ۽ خصوصاً اسان جي معاشري ۾ جيڪا اذيت ۽ ڏکار عورت برداشت ٿي ڪري، ان جو مثال تہ هٽلر جي ظلم کان بہ وڏيڪ آهي. هڪ ڇوڪري ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين مختلف روپن ۾ جيڪو عذاب برداشت ڪري ٿي ان جو مثال بہ ڏئي نٿو سگهجي اسان جي هر گهر ۾ هٽلر جهڙا اذيت خانا کليل آهن ۽ بظاهر اسان هڪ عورت کي ڌيءَ، ڀيڻ، ۽ زال ۽ ماءُ جا مقدس لفظ تہ ضرور ڏيون ٿا پر ان سان گڏ جيڪا اسان کيس اذيت ٿا ڏيون، ان جو تصور بہ اڄ ڪلهہ جي مهذب معاشري ۾ نہ آهي.

اسان وٽ ڪڏهن عورت کي عزت، ڪڏهن مذهب ، ڪڏهن اخلاق ۽ ڪڏهن وڏا ماڻهپي جي پردي ۾ جو ڪجهہ ڀوڳڻو ٿو پوي ان جو تفصيل جيڪر ٻڌائجي تہ لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. اسان پڙهيل ۽ مهذب معاشري جا دعويدار آهيون ، پر حقيقت ۾ اسان جو ذهن اڃان تائين بہ اسلام واري دور جي اچڻ کان اڳي وارو آهي. اڳي ايترو تہ هو تہ ڌيءَ کي ماري پوري ڇڏيندا هئا، پر هت تہ جيئرو رکي عورت کي باربار ماريو وڃي ٿو. خاص ڪري ذهني اذيت ڏئي اُن کي اُن طرح ۽ ان ڪانپوءِ جسماني اذيت ڏئي. اسان اهو ذهن جاهلن وارو پنهنجن نسلن کي ورثي ۾ اجا بہ ڏيندا ٿا اچون. ڇا اهو سلسلو اجان بہ ائين ئي جاري رهندو؟

اسان وٽ نياڻيءَ جو ڄمڻ رنج جو ۽ مسئلن جو باعث آهي ۽ اُهي مسئلا اسان جا پنهنجا هٿرادو پيدا ڪيل آهن. ڇوڪري ٿوري وڏي ٿئي تہ سڀ کان پهريون ان کي اهو ذهني جهٽڪو ملي ٿو تہ تون اسان تي بار آهين، پرائي در وڃڻو اٿئي، سو توکي وڌيڪ انگل ڪرڻ جو حق نہ آهي. گهر ۾ سٺي شيءِ ايندي تہ ڀاءُ لاءِ ايندي ۽ اُهو بچائيندو تہ تون کائجانءِ. ڀاءُ کي ڀيڻ نہ پر نوڪرياڻي ملندي آهي. پڙهائي جو رواج آهي، سومجبوري آهي، تہ ڇوڪريءَ کي پڙهائڻو بہ آهي. اسڪول ۾ بہ چڱي ڪپڙي لاءِ پئي سڪندي مطلب تہ سندس جائز ضرورت بہ پوري ڪانہ ٿيندي آهي. اُن جي مقابلي ۾ سندس ڀاءُ جي

هر ناجائز ضرورت خواهش پوري ڪئي ويندي آهي. ڪيس جيڪا عيد وغيره تي خرچي ملي يا ٿوري گهڻي ميڙي چونڊي هوندي اٿس تہ اها بہ پاڻ وٽي ويندو آهي.

مان پنهنجي ذاتي مشاهدي جي ڳالهہ تي ڪريان تہ اهي تمام وڏا ماڻهو جيڪي پيسي جي لحاظ کان بہ ۽ انهن ۾ اڪثريت خاص ڪري وڏيرن جي آهي، توهان اگر سندن گهر لنگهي ويندا تہ خبر نہ پوندي تہ وڏيري ڪير آهي ۽ نوڪرياڻي ڪهڙي آهي؟ گهر ۾ چار ڪتون پيو ن هونديون ۽ اوطاق ڏسي توهان کي راجا اندر ياد اچي ويندو. ان کان سواءِ مايون اندر پٽاتي بصر تي پيون گذران ڪن ۽ ٻاهر نوڪرن جا ڪتا بہ ٻوڙ پلاءُ کائن ڪين پنهنجي ضرورت لاءِ سلائي ڪڙهائي ڪرڻي پوندي آهي. مان ذاتي طرح اهڙن ڪيترن وڏيرن جي گهرن جا مثال ڏئي ٿي سگهان.

وچين طبقي جي عورت کي ڄمڻ کان پوءِ اهو انتظار رهي ٿو تہ شادي کان پوءِ سُک ملندو. پر شادي کان پوءِ يا تہ ڪيس ساهرن ۾ جانورن وانگر ڪم ڪرڻو ٿو پوي يا وري ٻاهر گهر کان نڪري نوڪري ڪرڻي ٿي پوي ڪيس پيڻي مصيبت سهڻي ٿي پوي. نوڪري نٿي ڪري تہ گهر جي پورت ڪانہ ٿي پوي ۽ نوڪري ڪري ٿي تہ ڪيس گهر جي ڪم ۽ ٻاهر منهن ڏيڻو آهي!

نوڪري کان موٽندي ڪيس مڙس جي جُتي بہ لاهڻي آهي ڇو جو زال بهرحال پير جي جُتي آهي. وري هي طعنا بہ سهڻا اٿس تہ ٻاهر عيش ڪري ٿي ۽ ڪمائي بہ پنهنجي لاءِ ٿي. ڪن حالتن ۾ عورتون پنهنجي ٻارن ۽ مڙس جو بار بہ ڪنيو بيٺيون هونديون آهن پر موٽ ۾ ہِ لفظ بہ همدردي جا نٿا ملنس. جي اتفاق سان ڪنهن عورت کي طلاق ملي ٿي يا وري سندس مڙس مري وڃي ٿو تہ اسان ساڻس جيڪو سلوڪ ڪيون ٿا، ان کان سڀ ڪو واقف آهي ۽ اهڙي عورت سڄي معاشري جي ڌڪار سهي ٿي.

ڪي مرد ماءُ پيءُ جي چئي ۾ يا والدين جي دٻاءَ هيٺ اچي شادي ڪن ٿا . پوءِ ظاهر آهي تہ اها زال ڪا نہ ٿي وڻي، سو ماني بہ نہ ٿي وڻي. ٿانءَ ٻوٽ ۾ هڻنس. يا وري اهڙا مرد ٻاهران ڪاوڙجي ايندا ۽ سامهون جي زال نظر اچي وئي تہ ڏنبو ڪڻي در بند ڪري مارينداس. جيسين سندن ڪاوڙ ڍري ٿئي! هي سڀ ڳالهيون اسان جي گهڻو ڪري هر گهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ آهن.

اسان پاڻ کي عظيم ۽ عزت وارا سڏايون ٿا. پر ڇا اسان اُهي عذاب خانا بند نٿا ڪري سگهون؟ اسان پنهنجي ماحول کي ڪجهہ  سڌاري نٿا سگهون.

# (13)

”پڙهڻ“ ۽ ”لکڻ“ اڄ جي دؤر جي هڪ بنيادي ضرورت ٿي پئي آهي، سو اسين ضرورت کي سمجهي هلائيندا آهيون. منهنجو واضح اشارو ڪافي آهي، سمجهڻ جي ضرورت آهي، باقي ڊگري، سا ته بيگر وهي به ملي ويندي پر هڪ شيءِ آهي ”ادب“ جنهن کي جيترو سمجهجهي اوترو گهٽ آهي يا ائين مان چوان ته ”ادب“ جي گهرائي ۽ اونهائي جو ڪو به ڪاٿو نه آهي، هرڪو پنهنجي پنهنجي سمجهه مطابق ان تائين پهچي سگهي ٿو.ڪنهن زماني ۾ مون به هڪ نظم يا poem پڙهيو، ان مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو، اکر هڪ وڏي شيءِ آهي، اهو هڪ اکر آهي، جيڪو زندگيءَ کي سنواري به ٿو ته ماري به ٿو. دنيا سڄي اکرن تي هلي ٿي.اسين اکر ڳالهايون ٿا، لکون ٿا ۽ پڙهون ٿا اکر آهن اکرن جا ۽ اکر ڪان اڳ انسان کي آواز ته هو، پر جڏهن اکر آيو تڏهن اهو آواز، جنهن جو اڳي ڪو مطلب نه هو، ان کي مطلب مليو ۽ ان مان سمجهه ملي ۽ انسان مڪمل ٿيو! اکر نيڪي آهي، اکر بدي آهي، اکرضمير آهي، اکر خودغرضي يا بي ضميري به آهي!اسان مختلف اکر ڳالهائي لکي يا پڙهي متاثر ڪنداآهيون، يا ٿيندا آهيون، آواز جو وجود اکر ڪانسواءِ بيڪار آهي، سو ڪي اکر اهڙا هوندا آهن جن ڪان اسين متاثر ٿيندا آهيون ۽ وري ان کي سڄي عمر وساري نه سگهندا آهيون. مون هڪ اهڙي poem پڙهي هئي، ان ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ اهو نظم منهنجي خيال ۾ ويهي ويو، مونکي شاعر جو نالو ته ياد نه رهيو باقي تخليق اڃان به ياد آهي. ٽئگور چيو آهي ته هر نئون انسان خدا جي اها گواهي ڪڻي ٿو اڃي ته خدا انسان سان مايوس نه آهي. ٽئگور جي اها ڳالهه ۽ وري هيءَ نظم،انهن ٻنهي جڏهن منهنجي ذهن ۾ ماڌاڻ مچايو تڏهن مون به هڪ نظم لکيو جيڪو ان نظم، جنهن جو خيال آهي: پئدائش ڪان اڳ انسان جي دعا، تنهن نظم ۾ هڪ پيشن گوئي ٿيل آهي، هڪ اهڙي معاشري جي جنهن جي جهلڪ اسان آهستي آهستي ڏسون پيا. پر جيئن ته انسان اشرف المخلوقات آهي، سو،مان يقين رکان ٿي،ته اهو دؤر به آسانيءَ سان ڪاٽي ويندو.اڄ جو دوءر ڪن ملڪن ۾ ڪماليت تي آهي ته ڪٿي وري زواليت آهي! جيڪي اڄ زواليت تي آهي هي مستقبل ۾ ڪماليت تي پهچندا. ان طرح ڪائنات وقت جي رفتار

هلندي رهندي جيسين ابديت ٿئي مان پهرين اهو نظم ٿي لکان. ان کي توهان پڙهو ۽ ان جي هيٺان مان نظم ڏيان ٿي، بنا ڪنهن تبصري مون هي نظم اٽڪل ڏهه سال اڳ پڙهيو هو ۽ هاڻي جيڪو دور هلي پيو، هي نظم ان جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو هي نظم توهان کي به وڻي وڃي زبردستي آهي:

## Prayer Before Birth

I am not yet born; O hear me .
I am not yet born, console me.
I fear that the human race may
With tall walls wall me,
With strong drugs dop me,
With wise lies lure me,
In blood_baths roll me
I am not yet born,forgive me
For the sins that in me the World
Shall commit, my words
When old men lecture men,
Lover's loghet me.
And the beggar refuses my,
Gift and my children curse me,
Let out the man whos is beast,
Or , thinks he is God.
Come near me,
I am not yet born, O, fill men,
With strength against those,
Who would freeze my humanity,
Let theme not make me a stone
And let them not spill me.
Otherwise kill me.

هيءَ اهو نظم آهي هاڻي جيڪو مون لکيو آهي سو ان کان متاثر ٿي لکيو آهي، نه هن نظم جو جواب آهي نه ئي هن نظم تي تنقيد، هڪ انسان جي خواهش ۽ اميد آهي ته مستقبل هن جو پنهنجو آهي.

# Sound of Time

Tommorrow must be mine

My words are for,
Reds, Whites & Blues.
Which are God's Clues,
You will be replaced,
By any one,
I took the place of some one,
I will be replaced,
Any time unconsciously,
So,process going continuously .
Past was good.
Today is some thing right,
Future will shine bright,
Now hear the bells of,
Sound of time,
Tomorrow must be mine.

**Munawar Sultana.**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

